پڙاڏو پهرين پيار جو

راج ڏاسواڻي



قيمت - Price	
رپيا	₹ 200
ڊالر	$ 5
پائونڊ	£ 3

ميرج ساهتيہ مالها

پڙاڏو
پھرين
پيار
جو

ليکڪ : راج ڏاسواڻي

ميرج ساهتيہ مالها
طوفان ڇپايل ڪتاب

ٻہ ڪنارا (ناول)   ليکڪ :- راج ڏاسو اڻي

سو پنمني (ناول) وشنو پرڀاڪر
انو ادڪا :- گيتاراج

نظر نظر جو قيد (ناول ليکڪ :- دوجندر ناٿ ''نرگن''
انو ادڪا :- گيتاراج

غريبن جي جهوپڙي (ناول) ليکڪ :- منشي پريمچند
انو ادڪ :- راج ڏاسو اڻي

سرڳ جي ٻولها (ٻال ناول) ليکڪ :- موهن ڪلپنا

نظرياتي ڪشمڪش (تنقيدي مسودو)
ليکڪ :- موهن ڪلپنا.
سمرپڻ (ناٽڪن جو مجموعو)
نرماڻ انو ادڪ :- رميش چاچائي
ٽامي جا ٽڪرا (ادبي لطيف)
ليکڪ :- راج ڏاسو اڻي.
ريشمي ڌاڳا (ڪهاڻيون)
ليکڪ :- راج ڏاسو اڻي.
هيمون ڪالاڻي امر شهيد (پنج فصلو ناٽڪ)
ليکڪ :- راج ڏاسو اڻي.

هڪ ڪماڻي ۾ن دلين جي پهرين پيار جي.
نظرانو اُنهن لاءِ جن جو
پهريون پيار فقط هڪ
ڏنڌلو خواب ئي ثابت ٿيو.
(راج ڏاسواڻي)

فلئٽ نمبر 8 آشيانا 31 روڊ آف لنڪنگ روڊ باندرا ممبئي 400050
لنڊن :- 33 چيني واڪ لنڊن اين ڊبليو4 - 3 ڪيو ايچ.

پهريون ڇاپو : 2012

قيمت رپيا ٻه سؤ — سنڌ ۾ رپيا ٽي سوَ

يورپ : پائونڊ ٽي — آمريڪا : ڊالر پنج

مهاڳ : ڪلا پرڪاش

ڪاجهه مون به چوڻ چاهيو راج ڏاسواڻي

Designed & Printed by Ram Lalchandani, Mumbai, India.
M : 9323726436 - 9820883807 e-mail: anadrl@yahoo.com

اسانجي هندستان جي شهنشاه شاهجان ۽ ممتاز جي پريم ڪهاڻيءَ جي ياد تي ڏياري.

ناول جي ماحول ۾ ڪا به ترشي ڪابه ڪشمڪش نه آهي.

ساڌارڻ زندگيءَ جو ڪو به مسئلو ڪونهي.

نائڪ سريش چترڪار آهي ۽ نائڪا تيجونتي شاعرا آهي.

نائڪ جي چترن جا نماع آهن ۽ نائڪا جا ادب لطيف آهن.

پائڪ هڪ فنڪار جي دنيا ۾ پهچي ٿو وڃي. چتر ته ناول ۾ ڏسي نٿا سگهجن پر ادب لطيف پڙهڻ لاءِ موجود آهن -

مثال طور :-
چنڊ هتي به آهي چنڊ تو وٽ به آهي.

هوائون چادر بڻجي منهنجي بدن کي ويڙهي وينديون آهن.

مهاڳ.....!

راڄ ڏاسو اڻيءَ جو ناول ”پڙاڏو پهرين پيار جو“ عشق جي موضوع تي لکيل هڪ دلچسپ ناول آهي.

ناول جي اُنوان مان معلوم ٿئي ٿو ته ناول ۾ پڻ وچڙيل پريمين جي ڪهاڻي آهي.

رتا ۽ ڪهاڻيءَ جي اوسر جي خيال کان هيءَ راڄ جي پهرئين ناول ”ٻه ڪنارا“ کان وڌيڪ پختو آهي.

ڪهاڻي بلڪل سڌي سنواٽي ۽ سلجهيل آهي.

هيءُ ناول روم شهر جي زمين تي رچيل آهي. اٽلي ملڪ جي عاشقن اَنتوننس ۽ فاستينا جي پريم ڪهاڻي

ماڳيو وڃي ٿو تہ فاستينا جو آهي.

روم شهر جي گھڻن ئي مونيومينٽس جو بہ ذڪر آهي ۽ اُنهن سان واسطو رکندڙ اهم احوال بہ ڏنل آهي.

بلڪل ساڳيءَ طرح آخر ۾ نائڪا ۽ نائڪ جڏهن دهليءَ ۾ ملن ٿا تہ نائڪا تيجونتي پنهنجي پريتم سريش کي دهليءَ جي اهم تاريخي جڳهين جو سفر ڪرائي ٿي، راجگهاٽ، گانڌي سماڌي، انڊيا گيٽ، وغيره.

هن قسم جا تفصيل ڪهاڻيءَ کي گھٽي هٿي نہ ٿا ڏين پر ناول کي هڪ پس منظر ملي ٿو، ماحول عطا ٿو ٿئي.

ڪردار نگاريءَ جي خسوسيت اها آهي جو ڪردار پنهنجي گفتگوءَ مان ۽ ڪهاڻيءَ جي واقعن مان ڦٽي نڪتا آهن. يا تہ وري سندن ڪاريہ کين پاڻ سان ملاقات ٿو ڪرائي تہ هو ڪهڙي قسم جا انسان آهن.

تيجونتي پنهنجن ادب لطيفن مان پڌري آهي تہ لاجونتي پنهنجي ڪاريہ مان نکري بيٺي آهي. سريش

هڪ ٻيو مثال جڏهن نائڪا ڳريوتي آهي :-

جسم ۾ تنهنجي آهٽ تي محسوس ڪريان.

سج جا ڪرڻا مونسان راند ڪرڻ لڳا آهن.

هوائن جا جهونڪا ڪنن ۾ مٺر ڏني آلاپي رهيا آهن.

ناول ۾ نائڪا جا لکيل ادب - لطيف پاٺڪ کي ڪنهن سوکيم سونهن جو احساس ڪرائين ٿا.

ليکڪ ناول ۾ روم شهر تاريخ ۽ جاگرافيءَ بابت جهجها تفصيل وڏا آهن.

اُن مان ليکڪ جي وسيع ڄاڻ جي خبر پوي ٿي ... ۽ اُن ڄاڻ کي ناول ۾ ڦهائڻ لاءِ ليکڪ ناول جي نائڪا ناول جي نائڪ سريش معرفت نائڪا کي روم شهر جو سفر ڪرايو آهي. هوءَ سندس ميزبان بڻي آهي.

راج ناول ۾ هڪ تاريخي حقيقت پيش ڪئي آهي تہ 2008 ۾ ترڪيءَ جي پراچين شهر ساگالاسوس ۾ کوٽائي ڪرڻ سان سنگمرمر جو هڪ پٿلو نڪتو جو

ڪي ڇاڻڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن. جاتي جا ڏينڌي ئي رهي. موت ۾ ڪجهہ بہ حاصل نہ ڪري سگهي."

راج ڏاسواڻي سنڌي ساهت ۾ نئون نالو ڪونهي. هن ناول سان گڏ ساهت جي ٻين منسفن تي بہ قلم هلايو آهي.

هنجا پهرين پنج ڪتاب ڇپيل آهن. ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ ۽ ادب لطيف تي هن ڪاميابيءَ سان تخليق ڪئي آهي. اڄ سنڌي ساهت ۾ ناول نويسيءِ جي کيتر ۾ ماٺائي آهي. راج ڏاسواڻي اُن ماٺائيءَ کي ٽوڙيندو، اهڙي اُميد ۽ دعائن سان.

ڪلا پرڪاش

•••

کي روم جي حڪومت طرفان جيڪا قدرداني ملي آهي اُن مان سندس چترڪاري جي فن جي بلنديءَ جي ڄاڻ ملي ٿي. نائڪ هڪ مهمان ڪردار و انگر آهي.

ٻہ ڪردار اُڀري بيٺا آهن. هڪ آهي ناول جي نائڪا ٽيجونتي ۽ ٻيو سندس سهرو 'دادا'. 'دادا' جو ڪردار مختصر هوندي بہ هڪ سچي انسانيت ۽ سنڌيت جي شيدانيءَ جي روپ ۾ پاٺڪن جو گهڻو ڌيان ڇڪائيندو.

هنجو هڪ گفتو من تي سندس ڪردار کي تہ اُڀاري ٿو پر اُن ۾ سنڌيت جو سنڌين لاءِ هڪ سنديش بہ آهي.

"سموري سنڌي جاتي ڪٽو ڪٽو ٿي ويئي آهي. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سنڌي پکڙجي ويا آهن. ڏامي جي ٽڪرن کي پنهنجي پونجي سمجهندي پنهنجي تهذيب، ٻولي ۽ ورثو سڀ وساري ويٺا آهن. وڏيون وڏيون عمارتون، ڪاليج، اسپتالون، اسڪول، فئڪٽريون ڏيندڙ هن جاتيءَ موٽ ۾ ڇا حاصل ڪيو ...؟ ڪجھہ بہ نہ. ڪي ڇاتل سڃاتل چهرا، ڪي اڳ وان، پارٽي سطح تي جي پنهنجي جاتيءَ جي گهرجن

هر ڪنهن ليکڪ جي ڪردارن جي ساڳئي ڪهاڻي آهي.

ڪردار خيالي ٿي سگهن ٿا پر واقع، انهن جو ٿي گذرڻ ۽ مڪان جتي اُهي واقع گهٽيا آهن اُهي خيالي نہ آهن. پوريءَ طرح نہ تہ گهٽي قدر حقيقت تي ٻڌل آهن.

اڄ جو سنڌي جنهن بہ حال ۾ يا جتي بہ وسيل آهي اُتي جو ٿي ويو آهي. هو اڻڄاڻ آهي تہ پنهنجي جنم ڀومي وڃائڻ سان گڏ هن ڇا وڃايو آهي.

مان تہ سمجهان ٿو سنڌين جو ڪيترو عدد اِنَ احساس کان بہ غير واقف آهي تہ هن ڇا وڃايو آهي ۽ ڇا وڃائي رهيو آهي.

سنڌي جاتيءَ جي زنده رهڻ جو مدار جنهن ٻولي ۽ وڏن جي ڏنل ورثي تي ٿو رکي اهو هنن جي هٿن مان ئي نہ هنن جي جيون مان گم ٿيندو ٿو وڃي.

مون هيءَ ناول لکڻ وقت ڪيتري ڪوشش ڪئي تہ فقط پهرين پيار جي پڙاڏي تائين محدود رکان پر ائين ڪري نہ سگهيس.

جو ڪيڙو سنڌيت جو رڳن ۾ گهر ڪري ويٺل آهي، اُنکان پاڻکي بچائي رکي نہ سگهيس. دادا جو

ڪجھ مون بہ چوڻ چاهيو ...!

ليڪ پنهنجي آزمودي مان ڪجھ پراڻي، دوستن يارن جي حياتيءَ ۾ ٿيل واقعن، آس پاس ۾ ٿيندڙ ڪن
گھٽنائن جي آڌار تي ئي رچنا ڪندو آهي.

اُهي گھٽنائون سچائيءَ کان ڪيترو بہ پري هجن، اُنهن جو بنياد سچ تي ئي هوندو آهي.

منهنجيءَ هن رچنا ۾ بہ جو ڪجھ آهي اُن جو بنياد بہ هڪ حقيقت تي آڌار ٿو رکي.

ناول جي ڪنهن بہ ڪردار کي ڪنهن چاتل سچاتل جو نالو ڏيڻ مشڪل آهي. سريش مان آهيان، اهو نٿو چوان.

لاجونتي، تياجونتي، نائڪ (نڪي)، ڪملا يا دادا آهي سڀ ڪردار توهان کان واقف آهن. توهان سان ڪٿي نہ ڪٿي، ڪڏهن نہ ڪڏهن مخاطب ٿيا آهن.

پڙاڏو پهرين پيار جو ...!

دل نرا روڪ پاڻ کي وري تون پيار ڪرڻ لڳي آهين

هڪ ڏينهن ....!

”نہ ... مان تنهنجي ظابطو رکڻ جي ڳالهہ نٿو ڪريان، ليڪن ...“ سريش چپ ٿي ويو.

تيجو نتي، جنهنکي پيار مان سڀ تيجو ڪري سڏيندا هئا. اها ائين ڏسڻ ۾ آئي جڻ پاڻ کان بہ الڳ آهي. ڪنهن طرح بہ سندس ڪوبہ انگ سندس نہ آهي. ذهن تہ سندس کان چنل هوئي، اڄ لڳي رهيو هو هنجو من بہ هن کان ڇاڇي ويو هو. سريش هنجي پاسي ۾ ويٺو هو.

تيجو ٿورو هٽڪي پئي، پر ظاهر ڪرڻ پئي

ڪردار ليئا پائي جاڳي ئي اُٿيو. لاجونتيءَ جي يو اين ڪائونسل ۾ سنڌين جي حقن لاءِ جا ڪوشش ٿي ڪري، سا اڃ تائين ڪنهن به نہ ڪئي آهي، اميد اٿم ڪير تہ جاڳندو.

ڪو وڪيل، ڪو اڳوان يا مون جهڙو ڪو مٿي ڦٽيل.

اڄ بہ ڪي اهڙا دادا اسان وٽ آهن، ننڍي ٿهي جي هنن طرف مڙي تہ هو گهٽو ڪاجهہ هنن مان ڇاٽي ۽ پرائي سگهن ٿا.

هتي پرديس ۾ رهندي ڪڏهن پلي پٽڪي ڪو جوان يا جوانڙي، ڪيترا سوال ڪٽي من ۾ جواب لاءِ آس ڪٽي ايندا آهن. خوشي ٿيندي اٿم، هڪنئين روشني ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

سوچيندو آهيان، اها روشني ڏيمي نہ ٿيندي؟

ڪاش ائين نہ ٿئي.

راج ڏاسواڻي

•••

جي ريڪا، پنهي جي وچ ۾ ديوار بڻجي پيا.

ليڪن اُن ديوار جي هوندي به تيجو سريش طرف ان طرح ئي وڌي آئي، جيئن اڳ ۾ وڌي ايندي هئي.

”اڙي سريش“ چئي بلڪل هن جي پاسي ۾ اچي ويٺي. ”ها مان ئي آهيان تيجو، تو ڇا مونکي نہ سڃاتو؟“

جيون جي لنبيءَ راهہ جو ٿورڙي حصو اچان ختم مس ٿيو هو. اُن لنبيءَ راهہ جي تصور، زندگيءَ ۾ هڪ قسم جي ٿڪاوٽ پري پڇڏي هئي ڇڻ.

اُنَ وقت تيجونتيءَ جو سامهون اچي وڃڻ هناجي اکين ۾ هڪ عجيب روشني آڻي ڇڏي.

سريش هوش سنڀالي جواب ڏنو، ”اڙي اهو بہ ڪڏهن ٿي سگهي ٿو. مون تہ تنهنجي باري ۾ هو هميشه هر ڏينهن پئي ڳالهايو آهي. پنهنجن دوستن سان، پنهنجيءَ پتنيءَ سان، جڏهن بہ اهڙي ڪا ڳالهہ نڪتي آهي تہ مون تنهنجو ئي مثال پئي ڏنو آهي.“

تيجوءَ تہ فقط ائين ئي سوال پڇيو هو، ليڪن سريش

ساڳئي ئي رنگہ ڍنگہ ۾، ساڳئي تڪائيءَ سان چئي

چاهيائين اُها هٺڪ يا اٽڪ نہ آهي. هوءَ سياويڪ هجڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

هونئن ئي استريءَ جو من ڪي قدر دوکيباز ٿيندو آهي، جنهنکي هوءَ پاڻ بہ سمجهي نہ سگهي آهي.

ڪنهن طرح بہ هن سريش اڳيان پنهنجو اندر کولي رکڻ جي ڪوشش تہ ڇا ڪا سمپاونا بہ ڏيکارڻ نہ چاهي.

ڇوڏنهن سالن کان نہ سريش کي نہ ئي تياجوءَ کي ڪابہ ڄاڻ هئي تہ هو ڪٿي آهن، ۽ ڇا پيا ڪن؟

هيءَ تہ وڌاتا جي ليکيل هڪ لڪير وانگر ئي ٿي ويو جو ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون هئا.

ايئرپورٽ تي ويٽنگ روم ۾ تياجوءَ جي سينڌ ۾ سنڌور جي هلڪي ريکا مان ظاهر هو تہ هوءَ سهاڳڻ هئي. ۽ سريش جي انتظار ۾ اتڪنا پريل ڇهري جي ڀاءَ مان تياجو سمجهي ويٺي تہ هو پنهنجي پتنيءَ کي ئي وٺڻ آيو آهي.

سريش جي اکين جي پلڪن ۾ پنهنجي پتنيءَ جي اچڻ جو انتظار ۽ تياجوءَ جي سينڌ ۾ پريل سنڌور

وٽي ٻئي ڳڌجي آهستي آهستي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳا.

تياجوءَ چيو، ”نڪي (تياجونتيءَ جي پٽيءَ جو نالو نانڪ هو، سڀ کيس نڪي ڪوٺيندا هئا) خبر نہ آهي ايئرپورٽ تي فون ڪري ايندو يا جيئن هميشه مشين وانگر هلندو آهي، بنا پڇا ڪرڻ جي نڪري پوندو. هيترا سندس ڪم ڪندڙ آهن هنجي هيٺان، ڪڏهن بہ کيس هڪ پلڪ لاءِ خيال نہ ايندو تہ ڪنهن کي ڪٺي چوي تہ پاڇا ڪريو تہ پلين پوري وقت تي آهي يا نہ.“

تياجونتي جڻ ڪيترائي غم لڪائي چوندي رهي جنهن جي هن کي بہ ڄاڻ نہ پيئي. ليڪن سريش جي تيز ذهن هنجي ڳالهين کي ائين پرکي ورتو، جڻ چوڏانهن سال اڳ جي تياجوءَ کان هو هڪ پل بہ الڳ نہ ٿيو هو.

تياجونتي پنهنجي ڳالهہ پوري ڪري هميشه وانگر هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو.

تياجوءَ جي جاءِ تي جي سريش هجي ها تہ ٽهڪن سان ڳڏ، پنهنجن چپن کي ڏندن جي وچ ۾ دٻائي اکڙين جي پلڪن ۾ تڙي آيل ڪيئي ڳوڙها پي وڃي

ويٺو.

پل ۾ ئي ٿورو پٺيان هٽي ويو. ڪنهن طرح بہ هن ظاهر ٿيڻ نہ ڏنو تہ هو ڪو اجان بہ تيجوءَ کي ان طرح ئي پنهنجي دل ۾ سمائي پيو هلي، جيئن چوڏانهن سال اڳ.

اچانڪ ايئرپورٽ جي لائوڊ اسپيڪر تي آواز آيو.

The plan coming from Mumbai is delayed for indefinite time due to bad weather. The passengers in transit to Dakar and other destinations are requested to come to the Alitalia counter for their room accommodation. The inconvenience caused to the passengers is deeply regretted.

تيجو ڇڻ ننڊ مان سجاڳ ٿي هئي. بنا سنڪوچ جي سريش جي هٿ ڏانهن هنجو هٿ وڌي ويو. سريش جو هٿ پڪڙي هن چيو، ”هيءُ ڇا ٿيو سريش؟ هل مان روم وٺڻ ٿي چاهيان. مونکي تہ ڊاڪار وڃڻو آهي. اليٽيليا ايئر ويز آهي ئي ائين ڪانہ ڪا گڙبڙ ضرور ٿئي.“

سريش هنجي هٿ کي آٿت پريو هٿ ڦيڙي، روم وٺڻ لاءِ انڪئاري ڪائونٽر طرف وڌي ويو. روم

ڪئنويس، رنگ ۽ تصور جي پيڙي. هندستان ۾ ڪلا ۽ ڪلاڪار جو قدر هنجي مرڻ کانپوءِ ٿيندو آهي. هتي ويسٽرن ورلڊ ۾ ڪلاڪار جو مان آهي.

منهنجي هڪ چتر کي هتي ٿيل اِنٽرنئشنل نماع ۾ پهرين نمبر جو خطاب حاصل ٿيو هو، پوءِ ته بس هتي مونکي هر سهوليت ميسر ڪئي ويئي. رهڻ لاءِ فليٽ، گهر خرچ لاءِ معائزو وغيره. منهنجي پتني لاجونتيءَ سان به منهنجي ملاقات هتي ئي ٿي. پنجن سالن جي گڏ رهڻ کانپوءِ آخر هن سان منهنجي شادي ٿي ويئي. اسان جو ٽن ٻارن سميت پنجن ڄڻن جو ننڍو ڪٽمب آهي. اڄ ٻن مهنن جي عرصي کانپوءِ ممبئيءَ کان اچڻ وارا آهن. تنهنجو نڪي ڇا ڪندو آهي؟"

سريش پنهنجي باري ۾ ته سڀ ٻڌائي ويو، تياجو ٿورو وقت ورتو سريش جي سوال جو جواب ڏيڻ ۾.

"منهنجو نڪي وڏي ڪاروبار جو مالڪ آهي. ڪيس ته هڪ منٽ جي به فرصت نه ملندي آهي. هاڻ جي مونکي وٺڻ ايئرفيلڊ تي آيو ۽ ڪيس جي معلوم

ها. پر تيلجوءَ لاءِ چڻ اهو سياويڪ هو، ڪابہ نئين ڳ
الهہ نہ هئي. ٺهڪ ڏيڻ هنجو سڀاءُ هو.

روم ۾ پير رکندي ئي تيلجو شروع ٿي ويئي، ”نکي ... نکي ... نکي.“

هر ڳالهہ ۾ ”نکي ... نکي ...“ چئي اُن جي مشغولين جو پوٿو کولي اُن جي پٽرائي ڪري، بار بار ڪاجھہ نہ ڪاجھہ چئي رهي هئي. ڪاجھہ بہ نہ ڄاڻندي، نہ ئي ڄاڻڻ جي ڪا چاهنا رکندي.

ليڪن سريش جي اونهين نظرن کان اِها ڳالهہ بلڪل لڪيل نہ رهي، تہ ڪيئن ”نکيءَ“ جي وڏماڻهپ جو بار بار ڊونيورو پٽي تيلجونتي پاڻ کي دوکو ڏيئي رهي آهي. سريش بس هن ڏانهن مسڪرائي ڏسندو ئي رهيو.

تيلجونتيءَ وري چيو، ”سريش خبر اٿئي مان روم مان ڪيترا دفعا ڊاڪار ويئي آهيان، ليڪن سريش او ... هو، اصل
ڳالهہ ئي نہ پڇ. خير ٻڌاءِ تون چا پيو ڪرين هتي؟“

سريش بنا هٽڪ جي چيو، ”مان هتي روم ۾ پيو چا ٿو ڪري سگهان، اهو ساڳيو ئي برش،

هئي. تيائجو بہ پنھنجي ڇھري کي پڪو ٻٽائي، ھن طرف نھاريندي رھي.

ڪلندي ڪلندي پڇيائين، ”ڪٿي ڪوئجي وئين سريش؟“

ہيو ڪير اچانڪ اھڙو سوال پڇي ھا تہ شايد ڇرڪ پري ھا.

پر ڇو تہ تيائجوءَ سان ناتو ھنجو تمام پراڻو ھو ۽ تيائجوءَ جي ھلت ساڳي ئي ھئي مست ھرڻيءَ جھڙي ھن سياويڪ نموني چيو، ”ڪويل برابر ھوس، پر ڪٿي؟ اھو نہ پڇ. ڪڏھن ڪڏھن ڪيتريون يادگيريون اچي وينديون آھن، گذريل زماني جون. ڪڏھن ڪڏھن سوچڻو بہ پوندو آھي ڪالجھہ. چڱو اھو تہ ٻڌاءِ تيائجو تون آھين تہ خوش نہ؟ گھٽڻ ٻارن جي پر گھوڙ لھندي آھين؟“

تيائجو جڻ اچانڪ ڌرتيءَ تي اچي وئي. چيائين، ”نہ سريش، زندگيءَ ۾ اھا ئي ھڪ ڪمي رھجي وئي آھي.“

پھريون دفعو سريش تيائجوءَ جي اکين ۾ آلاڻ ڏسي رھيو ھو.

ٿيو ته پلين ديرِ سان ٿو اچي، ته پاڻ وري مونکي وٺڻ نه ايندو بس گاڏي موڪلي ڏيندو. گهر پهچڻ سان ئي چوندو مان ڪريان آفيس جو ڪم يا پنهنجي زال جي نوڪري؟“

تيجو ڳالهه پوري ڪري وري هڪ وڏو ٿڌڪ ڏنو.

سريش آرام ڪرسيءَ تان اُٿي ڪٽڪيءَ طرف وڃي ويو.

تيجونتي وري به پنهنجي سياءُ وس ٿي چپ نه رهي سگهي چيائين، ”سريش خبر اٿئي اسانجي جڏهن ڪان شادي ٿي آهي، مان اهڙو هڪڙو ڏينهن نه سنيران، جنهن ڏينهن مونکي هڪ به دفعو ڪا ننيڙي به چڙب ڏني هجي. اصل ٻارن وانگر تڙيءَ تي ڪٽي هلندو آهي.“

اچانڪ تيجوءَ محسوس ڪيو سريش جو ڌيان ٻئي ڪٿي آهي. هو ڪٿي دور کوهيل هو. هوءَ ڄاڻي نه سگهي، پر هو هتي نه آهي، اهو صاف ظاهر هو. ڪٿي به هجي، هنجون نظرون تيجونتيءَ ۾ ئي اٽڪيل هيون. چپن تي اُهائي موهيندڙ مسڪراهٽ

شانت ئي شانت ۾ سريش جي ٻانهن ۾ جڪڙيل رهي.

سريش هنجو چهرو هٿ سان مٿي ڪري هنجي چپن کي هلڪو ڇهي پنهنجون ٻانهون کولي ڇڏيون.

تيجو هن جي ٻانهن مان آزاد ٿي چڻ تہ واٽي تي بيٺي هئي. سريش طرف نهاري آهستي چيائين،

”سريش هر ناتي جي پنهنجي هڪ سيما ٿيندي آهي. هر هڪ سنٻنڌ جي هڪ حد ٿيندي آهي. جي من تي قابو نہ پائبو تہ نہ ٿو ڄاڻجي هن ڌرتيءَ تي ڇاٿي ويندو.“

سريش جو اندر وارو چڻ للڪي اُٿيو. جي اڪيلو هجي ها تہ شايد ڀاڪي ماري سزا ڏئي ها، ليڪن تيجوءَ جي موجدگيءَ هنکي چڻ ڪڙين ۾ جڪڙي ڇڏيو.

سريش چيو، ”تيجو تون ڄاڻين ٿي مان ڪڏهن بہ ڍونگ نہ ڪري سگهيو آهيان، نہ ئي پنهنجي جذبي کي ڪڏهن دٻايو آهي مون. جڏهن بہ جنهن بہ روپ ۾ جو بہ ڀاوُ جنهن لاءِ بہ پيدا ٿيو آهي، اُنکي اُنهيءَ طرح ئي ظاهر ڪيو اٿم. من تي ظابطي رکڻ جي ڳالهہ

تياجو وري چوڻ لڳي، ياڙي ياڙي آواز سندس ڳلي مان مشڪل سان نڪري رهيو هو.

”ڇڏ اِن ڳالهہ کي بس آشيرواد ڪر سريش جيون جي اها هڪ ڪمي بہ پوري ٿئي.“

الائي ڇا ٿيو. اُن جي ڇاڻ نہ سريش کي هئي نہ ئي تياجوءَ کي.

سريش جي ٻانهن ۾ ڇڻ هڪ عجيب ڪشش پيدا ٿي ويئي، هن ٻانهون وڌائي تياجوءَ کي ڇڪي پنهنجين ٻانهن ۾ جڪڙي ڇڏيو.

تياجو وڻ جي هڪ ڪتيل ٽاريءَ جيان سريش جي ٻانهن ۾ سمائي رهي. نہ هن پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي نہ ئي هن جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي. ڪيترا پل ائين ئي بيتا رهيا.

سريش ڇپن ۾ پڻ پڻ ڪري چيو، ”تياجو من جي شانتي مونکي بہ کپي، ڄاڻان ٿو سڪون لاءِ تون بہ پياسي آهين. وڌاتا جو هيءُ عجيب چڪر آهي.“

تياجوءَ پنهنجو منهن مٿي ڪيو سريش جي اکين ۾ اکيون کپائي ڪجهہ ڏسندي رهي. سريش هنجي ڳلن کي چمي ورتو. تياجو اکيون بند ڪري

”ڪڏهن اهڙو موقعو نہ مليو هو تيائجو ... ان احساس کي ڪو روپ ڏيان، وڏاتا جو هڪ ٻيو ڪيل پورو ٿي ويو.

مان هڪ هفتي لاءِ دهليءَ ويس چترڪلا جي نماع ۾ ڀاڳ وٺڻ. تنهنجو وڏو ڀاءُ سندورق مان واپس آيو پنهنجي هڪ دوست سان گڏ. تنهنجن مائٽن کي چوڪرو وٽي ويو، تو بہ نہ نہ ڪئي. شايد انڪري جو مون توسان ڪڏهن بہ پنهنجي پيار جو اظهار نہ ڪيو هو. تنهنجي شادي ٿي ويئي.“ سريش پهريون دفعو چڻ پاڻ کولي رهيو هو.

”پيار هن سان هو يا نہ اهو نٿو چاٽان، پر جڏهن هن سان منهنجي شادي ٿي، تہ ڀانيم هر انسان جو پهريون پيار ئي پيار ٿيندو آهي. شايد مون سڀ ڪجهہ وسارڻ جي ڪوشس ڪئي، پر ائين نہ ٿي سگهيو ۽ اڄ وري اَسين هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا آهيون، وڏاتا کي ڇا منظور آهي نٿو چاٽان.“

تيائجو شانت هئي، شانت سريش بہ هو. پر ٻنهي جي اندر ۾ جو طوفان اُٿيو هو، هننجي شانت رهندي بہ اُن طوفان جو هُلا هَل ڪمري ۾ ڏهڪاءُ پيدا ڪري ڇڏيو.

تنهنجي سچي آهي. پر مان من کي ظابطي رکڻ جي ڳاله نٿو ڪريان، ليڪن ...؟ هن جا قدم اڳيان وڌڻ لڳا.

تيجوءَ پنهنجو هٿ وڌائي سريش کي روڪيندي چيو، ”نہ سريش، مون لاءِ تون ڪوبہ غلط خيال ڪٽي وجي اِهو مان نٿي چاهيان.. منهنجي من ۾ تو لاءِ جا شرڌا ۽ عزت هئي اها ائين ئي قائم آهي. هڪ ڳاله ٻڌ سريش ... ڪڏهن بہ هڪ پل لاءِ بہ مون محسوس نہ ڪيو هو، تون مونسان پيار ٿو ڪرين.“

جيتوڻيڪ تيجوءَ کي بخوبي ڄاڻ هئي تہ سريش هن کي پيار ٿو ڪري، پر هنکي هن وقت ٻيو ڪجھہ بہ چوڻ لاءِ نہ سجھيو.

پڇيائين، ”ٻڌو هوم تنهنجو پريم وواهہ ٿيو آهي. ڪيترا سال تون هن سان گڏ رهيو هئين؟“

”اٽڪل پنج سال اسين گڏ هئاسين،“ سريش جواب ڏنو.

”اُنکان وڌيڪ ڪيترا سال تون گڏ مون سان بہ رهيو هئين، پر ڪڏهن بہ تو اهڙو ڀاوُ مون اڳيان ظاهر نہ ڪيو هو.“

ٻنهي جڏهن هوش سنڀاليو ٻئي هڪ ٻئي کان الڳ ٿي ٻنهي پنهنجو پاڻ سنڀاليو ۽ بستري ۾ ئي ليٽيا رهيا.

سريش چُپ ٽوڙيندي چيو، ”تيلجو زندگيءَ ۾ پڇتاءُ مون ڪڏهن ڪيو ڪونهي، نہ ئي ڪنهنکي ڏسي سگھندو آهيان جو پنهنجي ڪئي تي پڇتاءُ ڪندو هجي. هڪ ڳالھ ياد رکج تيلجو، اَڄ جنهن بہ حالتن ۾ هيءُ سڀ ٿي ويو آهي اُن کي غلط سمجھي پڇتائج نہ، اِن لاءِ پڇتاءُ ڪري هن پيار جي عجيب رشتي جو اپمان نہ ڪج.“

ڪيتري دير ٻنهي مان ڪنهن بہ ڪجھ بہ نہ چيو.

ٻئي ڪيتري دير بستري ۾ ليٽيا رهيا. سريش پنهنجي ٻانهن تيلجونتيءَ جي سرهاني رکندي چوڻ لڳو ۽ تيلجونتي پڻ پنهنجي ٻانهن هن جي چوڌاري رکي ساڳئي وقت چوڻ لڳي. سريش ڪجھ چوي اُن کان اڳ ۾ تيلجوءَ چوڻ شروع ڪيو، ”هيءُ ڪنهنجي وشواس جي امانت آهي. ايش نہ ڪري هيءُ تنهنجو ٻاجھ هن ڏرتيءَ مان ڪو ڳل ڪلائي تہ مان زندگيءَ ڀر

ڪيئن، ڪهڙيءَ مهل تيجو سريش طرف وڌي آئي، اِنجي چاڻ نہ تيجوءَ کي ۽ نہ ئي سريش کي پيئي.

ڪن پل ۾ ئي اُن اندر جي طوفان مان پيدا ٿيل هُلا هَلَ ۾ هڪ ٻئي ۾ ائين سمائجي ويا ڄڻ هو ٻئي روم جي ايئرپورٽ هڪ ڪمري ۾ نہ هئا، هڪ گهاٽي خوفناڪ جهنگل ۾ هئا. جتي جي خطرناڪ جانورن جي خوف کان ٻَئي هڪ ٻئي جو سهارو ڳولهي رهيا هئا.

اچانڪ ئي ٻنهي کي هڪ ئي مهل خبر پيئي تہ ٻنهي جا جسم ٿڌا ٿي هڪ ديليءَ وانگر هڪ ٻئي ۾ بند ٿي ويا آهن.

تيجو ڄڻ لڇي اُٿي هن اڳيان ڪو هٿوڙو هجي ها تہ شايد سريش تي هارايل شينهن وانگر وارُ ڪري ها. پر جيئن ريگستاني پياسي برپٽ ۾ هڪ مينهن جو ڦڙو سمائجي ريگستان جي سيني ۾ هڪ سڪون پهچائيندو آهي ساڳيءَ طرح تيجو سڪون پائي چپ رهي. سريش بہ پٿر جي مورت بڻجي هنجي جسم مٿان ليٽيندو ئي هن ڏانهن نهاريندو رهيو.

جو جهاز ممبئي مان آيو ۽ هليو بہ ويو. پاڻ سنڀالي ٻئي ٻاهر آيا انڪئاري مان ڪين معلوم ٿيو ڊاڪار جو جهاز تہ هليو ويو پر سريش جي زال بہ نہ آئي.

گهر پهچڻ سان ڪيس معلوم ٿيندو تہ ڇا ٿيو.

ايئرپورٽ تان ئي تيئجوءَ ڊاڪار ۾ نڪيءَ سان فون ڪري ڳالهايو چيائين، ”ٻئي ڏينهن پهچندي...“

تيئجو پنهنجي ڳالهہ پوري مس ڪئي تہ سريش فون وٺي نڪيءَ سان ڳالهائڻ لڳو، ”ها مان سريش آهيان منهنجو ذڪر ڪيترا بار پنهنجي پتنيءَ وٽان ٻڌي چڪا هوندا. تيئجو اگر ٽي چار ڏينهن هتي روم ۾ رهي تہ توهان کي ڪو اعتراض تہ نہ آهي؟“

ٻئي طرف کان نڪيءَ بلڪل ئي سپاويڪ نوع ۾ جواب ڏنو.

”سريش جي تيئجو چاهي ٿي تہ رهي سگهي ٿي مونکي ڪوبہ اعتراض نہ آهي. تون مون سان توهان ڪري نہ ڳالهاءِ. مان پايان ٿو اسان ٻنهي جي عمر ساڳي آهي.“

تيئجو فون وٺي ڇوڙ واري هئي تہ هوءَ ٻي

نڪيءَ اڳيان گنهگار ٿي رهي نہ سگهندس.“

تيجو چوندي چوندي ڇرڪ هڪ ول وانگر سريش جي ٻانهن ۾ جڪڙجي ويئي. تيجوءَ جي اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا.

سريش هنجي ڳلن کي چمندو رهيو، چپن کي چمندو رهيو. اکين کي چمندو رهيو ۽ محسوس ڪيائين تيجوءَ جي اندر واري اهو سڀ قبول ڪري ڇڏيو آهي. وڏاتا چوڏنهن سال اڳ ۾ هنن جي ليک ۾ جا لڪير نہ پائي سگهي هئي، سا اڄ پئجي ويئي.

سريش چوڻ شروع ڪيو، ”تيجو، اهو ڪو گناهہ نہ آهي. پيار ۾ پڇتاءُ جي جاءِ نہ هوندي آهي. وڏاتا کي ڪنهنجو ۽ ڪهڙو ڪٽو ڌرتي جي سيني ۾ سمائٽو آهي، اهو ڪير بہ ڄاڻي نہ سگهيو آهي.“

ڪجهہ پلن لاءِ وقت ڄڻ ٻنهي لاءِ رڪجي ويو.

وقت سان گڏ ٻنهي جي دل ۽ دماغ جون نسون بہ ٿمجي ويئون. ٻنهي مان ڪيتري دير تائين ڪنهن کي بہ سمڪ ڪانہ رهي تہ ٻاهر دنيا جي وڏن هوائي اڏن مان هڪ وڏي هوائي اڏي تي ڪيڏي مهل اليٽيليا

”نہ سريش، ان سک سپني جي آنند ميہ ڇايا جا ڇهري تي هوندي آهي، اُن کي ہين کان لڪائڻ ممکن نہ هوندو آهي.“

تياجو چوندي رهي، ”۽ جي اُهو سندر سپنو ڏسي انُ جو آنند ماڻي، وساري ڇڏجي تہ انُ جو اثر دائمي رهندو آهي.“

پيزا آئي ختم ٿي، بيئر آيو ختم ٿيو. ٻئي گهر آيا. سريش کي پڪ هئي تہ سندس ٻار ۽ زال لاجو گهر پهچي ويا هوندا ۽ پهچڻ تي ئي ڏوراپن جو دوُر شروع ٿي ويندو. پر ائين نہ ٿيو، سندس گهر ۾ اٿالين وچين عمر جي وڏور عورت ڪم ڪندي هئي. سريش جو ڪٽنب جڏهن روم ۾ هوندو هو تہ هوءَ هنن سان گڏ گهر ۾ ئي رهندي هئي. سريش اندر آيو تہ کيس نياپو مليو تہ سندس ننڍي ڌيءَ کي ميزلس هئڻ ڪري هنجا ٻار هفتو ڏهہ ڏينهن اچي نہ سگهندا.

سريش زال کي فون ڪري حال احوال تہ معلوم ڪيو پر ايئرپورٽ جي ڪمري ۾ پيدا ٿيل طوفان جو ڌڌڪاءُ اڃان بہ ڪي قدر تياجو ۽ هنجي رڳن ۾ موجود هو. سريش ماريا جي واقفيت ڪرائي، ۽ ماريا

فلائيٽ ۾ اچي ويندي. جيستائين تيجوءَ کي سريش فون ڏي، نڪيءَ فون رکي ڇڏيو. تيجو مايوس نہ پر منجهيل من سان سريش جي ٻانهن ۾ ٻانهن وجهي هن سان گڏ هلڻ لڳي.

ايئرپورٽ تي ئي هڪ ڪيفي ۾ ويهي پيزا ۽ بيئر جو آرڊر ڏيئي سريش تيجوءَ جو هَٿُ هَٿَ ۾ جهلي پڇيو، ”ڇا سوچي رهين آهين تيجو؟“

تيجوءَ جواب ڏنو، ”اهوئي تہ ڪجهہ ڏينهن تو مونکي پاڻ وٽ رهائي سٺو نہ ڪيو. هونئن تہ نڪيءَ کي ڪوبہ اعتراض نہ ٿيندو. پر ....“

”پر ڇا تيجو ...؟“

”اهوني تہ مون هن گڏجاڻيءَ کي هڪ سندر سپني جيان پاڻ سان جوڙي رکڻ پئي چاهيو.“

سريش چيو، ”ڪڏهن ڪڏهن هڪ سندر سپنو ڏسبو آهي ننڊ ۾،صبوح جو اُٿڻ سان من هڪ عجيب آنند ۾ اچي ويندو آهي. اها خوشي ڪي قدر ذاتي هوندي آهي. تڏهن بہ ٻين کي ٻڌائڻ تي دل ٿيندي آهي. پر تون هن سپني جو سڪہ ڪنهن سان بہ ونڊين اهو ضروري نہ آهي.“

هر تصوير ۾ پرپيل رنگہ ديوار جي رنگہ سان اهڙو تہ ميل کائي رهيا هئا، ڄڻ اها سموري ديوار اُن تصوير لاءِ ئي بڻائي ويئي هئي. درين دروازن تي پردا، وچ ۾ غاليچو پوريءَ وچونٽيءَ تي، پاسي کان اڌ منڊل ٺاهي پيل سوفا سيٽ ۽ اُنهنجي وچ ۾ پيل هڪ سينٽر ٽيبل، ٽيبل جي ٽنگن جي بدلي ۾ رومن بادشاهہ جو ليس سيزرس جي مورتي اهڙيءَ طرح ڄڻ هو ٽيبل جي ڀاڙي شيشي کي پنهنجي ٻانهن تي کڻي بيٺو هو.

هڪ ديوار جي بلڪل وچ ۾ هڪ شيشي جو ڪبٽ رکيل هو، جنهن ۾ رکيل سامان جي سجاوٽ سندر لفظن کان بہ وڌيڪ سندر هئي.

تيجونتي من ئي من ۾ سوچڻ لڳي، جنهن گهر جي سجاوٽ هن ريت پورڻ ڪئي آهي اُها خود ڪيتري سندر هوندي. هن ڪهڙي ڀاوَ سان گهر جي مالڪ جي من کي سجائي رکيو هوندو، ڇا اڄ هن اُنکي کنڊت تہ نہ ڪري ڇڏيو هو.

سندس اندر وارو ڪيس ڪوسي اُن کان اڳ سريش هال ۾ اچي هنجي پر ۾ ويهي هنجي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ جهلي هنکي اُٿاري ائين اندر وٺي

کي ٻڌايو تہ هو رات جي ماني کائي آيا آهن. ماريا گڏ نائيٽ چئي گهر هلي ويئي.

سريش تيجونتيءَ کي چيو، ”تيجو تون فريش ٿي وٺ تہ مان توکي تنهنجو ڪمرو ڏيکاريان.“

سريش تيجوءَ کي هال وارو واش رومُ ڏيکاري پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

تيجونتي فريش ٿي گهر ڏسڻ اندر هلي ويئي گهر جي هر ڪمري جي چئن ديوارين تي نظر ڊوڙائي تيجو جڏهن ٻاهر هال ۾ اچي ويٺي، هن کي لڳو هڪ مندر ۾ اچي ويئي آهي.

گهر جي هڪ هڪ ذري تي لاجونتيءَ جي مُهر لڳل هئي. هال ۾ هڪ ديوار تي ڪنويس تي اُتاريل هڪ وڏي تصوير ٽنگيل هئي جنهن ۾ سريش ۽ لاجوءَ جي شاديءَ جي فوٽي سان گڏ ٽن ٻارن جو ٻاچپن، سندن سال بہ سال ملهايل جنم جو ڏينهن، ۽ ٻنهي جا نزديڪي رشتيدار ۽ يار دوست، جڻ هڪ طرح ڪٽنب جي خوشنما هجڻ جو ثبوت هئي.

هر ڪمري جي هر ديوار تي رنگين تصويرون لڳل هيون.

تي ڪير جو گلاس رکي ويو اها بہ هنکي سمک نہ پيئي.

ڪيتريون گهتنائون، ڪيترا درشيہ هناجي بند اکين اڳيان هک چلچتر جيان اچڻ لڳا.

"سريش جي تياجوءَ سان پهرين ملاقات ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي هئي، اهو هنکي اڄ ياد نہ پئي آيو.

جيون جي لنبيءَ راهہ جو ٿورو ئي حصو اجان ختم مس ٿيو هو، اُن لنبيءَ راهہ جي تصور، زندگيءَ ۾ هک قسم جي ٿڪاوٽ پري چڙهي هئي جڻ. تصور ۾ ايندڙ، هک مسڪرائيندڙ خوشيءَ ۾قولهي نہ سمائيندر، پنهناجي جواني ۽ سندرتا کان بيخبر تياجو هرڻيءَ جيانِ چلانگ پريندي ڪيئن پاڙي ۾ گهمندي نظر ايندي هئي. چناچل، هوا ۾ جهومندڙ ڪليءَ جي سامهون اچڻ ڪري ائين ئي ياسڻ لڳو هوس.

سندس ڪپڙن پائڻ جو ڍنگ ٻين ڇوڪرين کان نرالو.

ائين ڇو ٿيو، هر پل، هر گهڙي، زندگيءَ جو هر دم گذرڻ سان، ڪاليج جي ديوارين اندر اساناجي ملڻ جو هک هک پل ياد اچڻ تي هن ۾ هک نئون اتساهہ

ويو ڇڻ ڪنهن رياست جي راڻيءَ ڪي سندس سواڳت ڪري سندس داسيون وٺي ويندي‌يون آهن. هڪ ڪمري جو دروازو کولي هنکي اندر وٺي وڃي سريش چيو، ”هيءُ تنهنجي سمهڻ جو ڪمرو آهي.“

سريش جي ٻاهر وڃڻ تي تياجوءَ پنهنجي ننڍي بئگ کولي اُن ۾ پيل نائيٽي ڪڍي، ڪپڙا بدلائي پلنگ تي سمهي پيئي. چوڌاري نظر ڊوڙائيندي ڪمري ۾ پيل هر چيز نظر مان ڪڍي ويئي. سڄو ڪمرو هڪ سڳنڌ سان ميڇ ٿيو پيو هو. هڪ ديوار پوري آرسيءَ جي هئي جنهن ۾ ڪمري جي ڇايا پئجي ڪمري کي ٻيڻو ڪري ٿي ڇڏيو. سينگار جي آرسي اهڙي هنڌ رکيل هئي جنهنجي اڳيان وهڻ سان وهڻ واري جا هزارين عڪس اُن آرسيءَ ۾ ڏسڻ ۾ پئي آيا. دنيا ڀر جا عطر ۽ سينگار جو سامان اُن ٽيبل تي ميسر هو.

نرم گديلي تي ليٽي تياجو اکيون بند ڪري ڇڏيون هاڻ هنجي من ۾ بلڪل شانتي هئي. ڪي به خيال هنجي من ۾ نه پئي آيا. هنکي ننڊ به نه هئي پر هوءَ جاڳي به نه پئي.

سريش ڪيڏي مهل هنجي پاسي ۾ پيل ٽيبل

ڪيترا پيرا هو بيخبريءَ ۾ هڪ ٻئي جي ياڪڙ ۾ اچي ويندا هئا ۽ ڪيترن پلن تائين هڪ ٻئي کان الڳ ٿيڻ نہ چاهيندا هئا.

هوءَ اچانڪ ڪڏهن پوني وجي پهتي، انهجي هن کي چاڻ بہ نہ پيئي. هڪ رات ياد اچيم ٿو، جڏهن واپس گهر موٽيو هوس تہ پوني مان هنجو پتر مليو هو. تڏهن ئي معلوم ٿيو هو تہ هوءَ پوني وجي پهتي هئي. مون هنکي ياد ڪيو هو، انهن جدائيءَ جي ڏينهن ۾ رنگن مان چاهہ نڪري ويو هو. برش شانت ٿي ويا هئا، ايزل ويڳاڻي ٿي هڪ ڪنڊ ۾ مايوس پيئي هئي.

اچي ويو.

ڪاليج جا ڏينهن اجا پورا نہ ٿيا هئا. ٻنهي گڏجي پڙهڻ شروع ڪيو. تيجو هر ڪلاڪ چانهہ ٺاهي کڻي ايندي هئي. هوءَ ڪويتري هئي. شايد ان ڪري هنجا ورهيہ بہ ڪي پل ٿي گذرندا رهيا هجن، وچ وچ ۾ هڪ ڪويتا ٻڌائي پنو ۽ پين کڻي لکڻ لڳندي هئي.

جڏهن ڪويتا پوري ٿيندي هئي، "هنن ڪتابن مان ٻيگو ان ڄاڻي ڪڏهن ڇوٽڪارو ملندو. هڪ چانهہ جو ڪوپ، هڪ پنو ۽ پين ئي جي هجي تہ زندگي ڪيتري نہ سولي، سندر ۽ سنگيتميہ بڻجي پوي."

سريش ۽ تيجو ڪيئن ۽ ڪڏهن هڪ ٻئي جي ايترو نزديڪ اچي ويا اُنجي ڪين بہ ڄاڻ نہ پيئي.

پوءِ تہ بس هننجي ملاقاتن جو لڪل ۽ کلمکلا سلسلو جاري ٿي ويو.

ڪيترا دفعا هڪ ٻئي جي گهر ۾ اچي هڪ ٻئي سان ايترو تہ ويجهو هوندا هئا جو اهو ڄاڻڻ مشڪل هو تہ ڪنهنجو ساهہ اندر ٿو ڪڍي ڪنهنجو ٻاهر ٿو نڪري.

سريش سان گڏ پهاڙن جي اوچاين تي گذاريل اُهي پل هنجي ذهن ۾ گهمي ويا.

ڪيترا دفعا هو پاسي واريءَ ٽڪري تي هٿ هٿ ۾ ڏيئي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گهمندا رهندا هئا.

آسمان ڏانهن نهاريندي، بادلن جي پالڪيءَ تي سوار ٿي آڪاش جي وشالتا کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو هو.

ندي ڪناري ويهي نديءَ جي لهرن سان گڏ جهومندي لهرندي نديءَ جي وهڪ سان گڏ وهندي هڪ ٻئي جي ياڪر ۾ سمائجي ڪناري تي ويٺا رهندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن سمندر جي ايندڙ لهرن کي ڳڻيندي ۽ انهن لهرن ۾ لڙي آيل سِپُن کي گڏ ڪندا هئا.

پر ڪڏهن به هنن واريءَ جا محل نہ اڏيا.

هوءَ اُنهن يادين ۾ واپس وڃي اِهو هن نہ پئي چاهيو.

سريش هنکي اُٿارڻ اچي تنهن کان اڳ۾ هن پاڻکي تيار ڪرڻ لاءِ سينگار جي ٽيبل تي اچي ويٺي.

وارن لسارڻ جو برش ڪيڏي مهل هنجي هٿ ۾

جتي اُس ۾ چانڊوڻ نہ هجي،
جيڏانهن نهاريان تون نظر اچين

پيو ڏينهن

ديوار تي ٽنگيل ڪُڪُو گھڙيال مان ڪُڪوءَ جي آواز تي تيجوءَ جي اک کلي. ڪڪوءَ جو مٺو آواز ۽ رات پر بنا ڪنهن بہ قسم جي ارچڻ جي جا هن ننڊ ڪئي هئي اُن هن کي نوبنو ڪري ڇڏيو هو.

درين جا پردا بند هئا. ٻاهر ڪيتري روشني ٿي ويئي هئي، انجي کيس خبر نہ پئي پيئي. بستري تان اُٿي دريءَ وٽ اچي پردو پاسي ڪري هن ٻاهر نهاريو. سج اجان پورو نڪتو ڪونہ هو پر انڌڪار بہ ڪونہ هو.

ڪيتري دير هوءَ دريءَ وٽ بيهي ٻاهر نهاريندي رهي. فلئٽ ڪافي مٿئين ماڙي تي هو جتان هوءَ شهر جو ڪافي حصو ڏسي پئي سگهي.

مان مزو نہ ايندو آهي.“

بستري جي ڪناري تي وهندي هن پنهنجي لاءِ چانهہ ٺاهيندي چيو، ”ڪيئن تيانجو، رات ننڊ ڪيئن آئي؟“

”تمام سٺي، ڪيڏي مهل صبوح ٿي ويو خبر ئي نہ پيئي.“

”هن ڪوئل جي ڪُوڪُو تي ئي منهنجي ننڊ کلي. گهڙيال تمام سٺو آهي.“

سريش ڏانهن نهارڻ ڪانسواءِ ئي تيانجو اهو سڀ چوندي ويئي.هن ڪي اها ڄاڻ ئي ڪانہ پيئي تہ سريش هنجي چهري ۾ نهاري رهيو هو.

”اها سئزرلئنڊ جي خاص سوکڙي آهي.“

چوندي چوندي هو گهڙيال کي ديوار تان لاهڻ لڳو.

تيانجو رڙ ڪري چيو، ”هيءُ ڇاپيو ڪرين، گهڙيال ڇو ٿو لاهين؟“

”سئزرلئنڊ جي باربر پاسي ۾ ئي آهي مان اڪثر لگونا ايندو ويندو آهيان ڪڏهن بہ پيو وٺي ايندس. لگونا سئزرلئنڊ جو هڪ خوبصورت ننڍو شهر آهي،

آيو، ڪيتري دير کان هوءَ وار لساري رهي هئي اها بہ ڪيس سمڪ نہ هئي.

دروازي تي ڪٽ ڪٽ ٿي ۽ هڪ رومن عورت اندر اچي، چانهہ جي ٽرالي بستري مٿان گھمائي، گڊ مارننگ چئي وڃڻ لڳي.

تيآجو هن کي روڪيندي پڇيو، ”صاحب اڃان چا نہ اُٿيو آهي.“

”اُٿيو آهي، هتي ئي ٿو اچي چانهہ پيئڻ.“ چئي ٻاهر هلي ويئي.

تيآجو بستري تي اچي ويٺي. چانهہ جي ٽري ۾ بہ ڪوپ رکيل هئا.

سريش جي لاءِ نہ ترسي پنهنجي لاءِ چانهہ ٺاهڻ لڳي.

چانهہ ۾ کنڊ ملائي رهي هئي تہ سريش ڪمري ۾ اندر آيو.

تيآجوءَ فقط پنهنجي لاءِ چانهہ ٺاهڻ جي صفائي ڏي تنهن کان اڳ۾ سريش چيو، ”مونکي ياد آهي توکي ٿڪنڌڙ چانهہ پيئڻ جي عادت آهي، تنهنجي جيستائين گرم چانهہ سان چپ نہ سري توکي چانهہ

”هيءُ ڪهڙو عزغئبي احساس آهي. هيءُ ڪهڙو جادوئي ڇهاءُ آهي جنهن هنجي جسم جي نس نس کي آنند ۾ ڀري ڇڏيو آهي. هاءِ ري پرش ڪاش مان تنهنجي انگ سان ائين لپيٽجي وڃان، جيئن ڪا ول پپل جي وڻ کي لپيٽجي ويندي آهي.“

سريش ڇڻ ڪريم لڳائيندي لڳائيندي پاڻ ۾ ئي ڪوئجي ويو.

سوچڻ لڳو، ”تيجو هيءُ سنگمرمر جهڙو چمڪندڙ جسم تنهنجو، ڳلن ۾ تنهنجي ڳلابي ڳلن جي لالاڻ، تنهنجي پستانن جي پهاڙين مان جڏهن هڪ ڳرم جهرٽو نڪرندو تڏهن پائنج، منهنجي اندر جي برسات جي هڪ بوند ان ۾ سمائجي ويئي آهي. تنهنجو جسم تڏهن هڪ غنچو ٿي پوندو. ڳل ڪرندو، مڏو مکيون مٿو راڳ ڳائينديون، ماکي ٽپڪندي تنهنجي انگ مان.“

تيجو دل ئي دل ۾ سريش کي چئي رهي هئي، ”تو تہ مونکي مونکان ئي چورائي ڇڏيو سريش.“

سريش تيجوءَ جي ڇاتيءَ تي مٿو رکي ليٽي پيو. ڪيترا پل، ڪيتريون گهڙيون ٻنهي کي سڌ

چوطرف ننديون وڏيون پهاڙيون، واديءَ ۾ خوبصورت شهر هڪ تلاءَ جي چوطرف ڦهليل. تلاءَ جي ڪناري تي ڪيفي ۾ ويهي ڪافي پيئڻ جو مزو ئي ڪجهه پيو آهي.“

سريش لاڻل گهڙيال پلنگ تي رکڻ لاءِ هيٺ پئي جهڪيو ۽ ساڳئي وقت تيجوءَ گرم چانهه جو ڪوپ سريش طرف وڌايو. گهڙيال جي ڪوني لڳڻ ڪري چانهه تيجوءَ جي سٿر تي هار جي پيئي. تيجو رڙ ڪري بستري تان اُٿي کڙي ٿي.

سريش تڪڙ ۾ سڀ وساري ڊريسنگ ٽيبل طرف ڊوڙي ڊراور مان ڪريم جي شيشي ڪڍي آيو ۽ بيڌياليءَ ۾ تيجوءَ کي پلنگ تي وهاري تيجوءَ جو گائون مٿي ڪري ڪريل چانهه سان ڳرم ٿيل سٿر تي ڪريم لڳائڻ لڳو.

سور کان ڪڙهائيندڙ هن جي سٿر مان سور ڇڻ اُنَ ڇهاءُ سان پل پر ۾ گم ٿي ويو. هنکي محسوس ٿيو ڄڻ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪنهن پرش هنجي جسم کي ڇهيو آهي. هوءَ مگڌ ٿي اکيون بند ڪري پلنگ جي ماٿيري کي ٽيڪ ڏيئي ويٺي رهي.

هڪ چئريٽي پيو لائي فاسٽينين يا فاسٽينا جون نياٽيون، جنهن مان گهرجائو اناٿ ڇوڪرين کي مدد ملندي هئي.

اڄ بہ روم جا جوان هن مندر ۾ اچي، پنهنجي سچي پيار جي هاجڻ جو قسم کائيندا آهن.

2008 ۾ ترڪيءَ جي پراچين شهر ساگالاسوس ۾ کوٽائي ڪرڻ سان سنگمرمر جو هڪ پٽلو نڪتو جو مڃيو وڃي ٿو تہ فاسٽينا جو آهي.

شهر جي وڏن رستن تان گهمندو سريش ڪلوزيم اچي پهتو.

ڪلوزيم رومن شهنشائت جي تمام مشهور عمارت آهي.هن ۾ اٽڪل اڌ لک ماڻهن جي وهڻ جو بندوبست آهي.

”هتي وقت بہ وقت ڪيتريون ئي رانديون ڪرايون ويندريون هيون، سولجرن جي ويڙهہ ۽ جانورن سان سولجرن جي ويڙهہ جي ڪارڻ ئي هي عمارت مشهور آهي.“

سريش جهڪي پَٽ مان مٽيءَ جو ذرو کڻي تياجوءَ کي سنگهايو.

نہ رهي.

جڏهن ھنهي جي مدحوشي ٽٽي، سريش تيجوءَ کان الڳ ٿي چيو، ”تون تيار ٿي وٺ مان اسٽوڊيو مان ٿوري وقت ۾ ٿي ٿو اچان پوءِ روم جو سير ڪرڻ هلنداسين.“

سريش ديوار تان لاٿل گھڙيال پلنگ جي پاسي ۾ پيل هڪ ٽيبل تي رکي ڪمري کان ٻاهر هليو ويو.

سريش ڪار هڪ مونيومينٽ وٽ بهاري، تيجونتي بنا سريش لاءِ ترسڻ جي تہ هو ګاڏيءَ جو دروازو اچي کولي، ٻاهر نڪري بيٺي.

چوطرف نهاري سامهون هڪ پتلي ڏانهن نهاريندي رهي.

”هيءُ انٽونس جو پتلو آهي، جو پنهنجي پتني فاسٽينا سان ڏاڍو پيار ڪندو هو. هن هنڪي يڳوان جو درجو ڏيئي هيءُ مندر ٺهرايو. هن مندر جا پوڄاري فقط عورتون ئي هيون.

انٽونس فاسٽينا جي عزت ۾ سڪا بہ ظاهر ڪيا جنهنتي هن Divine Faustina لکارايو ’ڊوائين فاسٽينا.‘

تياجوءَ وچ ۾ ڪٽي چيو، ”ڪٿي ائين تہ نہ آهي تون مونکي هتان جلد وڃڻ جو اِشارو ٿو ڪرين.“

”اهو تہ تڏهن سڌ ٿيندو جڏهن تون چاهيندينءَ تہ جن هٿڪڙين ۾ تون ۽ مان جڪڙيل آهيون، اُن مان اسين ڪڏهن ٿا آزاد ٿيون.“

”چا مطلب مون ڪونہ سمجهيو.“

سريش هنکي ياڪر ۾ جڪي، پنهنجي سيني سان لڳائي چيو، ”تياجو چا هر ڳالهہ جو مطلب سمجهڻ ضروري آهي؟“

تياجو بيوس ٿي سريش جي ٻانهن ۾ لپٽيل رهي، هن پاڻکي ڇڏائڻ جي ذري بہ ڪوشش نہ ڪئي.

منانجهند اچي ٿي هئي گاڏيءَ ۾ واپس اچي ٻئي هلڻ لاءِ تيار ٿيا.

رومن سوسائٽيءَ ۾ پُٽن جو وڏيڪ مانُ هو. ڪيتريون ڇوڪريون ڇوُ اتي تي قتيون ڪيون ويندريون هيون، اِن ڪري جو ڪين دهياج ڏيٽو پوندو هو.

ڪيترا دفعا مائٽ ڇوڪرين کي ڄمڻ وقت ئي ماري ڇڏيندا هئا.

”ڏس تيئجو اڄ بہ هن مٿيءَ مان رت جي بانس ٿي اچي. هن ڌرتيءَ تي ايترو تہ ماڻهن ۽ جانورن جو رت وهيو آهي جو صدين کان پوءِ بہ هيءَ ڌرتي اُنکي پاڻ ۾ جذب نہ ڪري سگهي آهي.“

بلڪل ئي پاسي ۾ هو آرچ آف ڪانسٽنٽائين جا روم جي بچيل آرچس مان وڏي ۾ وڏي آرچ آهي.

سريش هڪ گائيڊ وانگر هر جاءِ لاءِ تفصيل سان ٻڌائيندو ويو.

”هيءَ 315 ۾ ٺاهي وئي هئي، جڏهن ڪانسٽنٽائين ميڪيٽيس مٿان ملويئن پُل وٽ عجيب فتح پاتي هئي.“ تيئجو ڏسي رهي هئي ڪيئن سريش هڪ آزمودگار رهنما وانگر هر هنڌ هن کي اُتي جي تاريخ کان واقف ڪري رهيو هو. هن کان رهيو نہ ٿيو پڇائين، ”سريش اِهو تہ ٻڌاءِ تون ڇا روم ۾ گهمندو ئي آهين يا ڪم بہ ڪندو آهين، تنهنجا رنگ سڪي تہ نہ ويا آهن؟“

”چڱو جو تو مونکي منهنجا رنگ ياد ڏياريا، ڪ لدريل ڪن ڏينهن کان ڪيترائي عڪس منهنجي ذهن ۾ سمائجي ويا آهن، وقت ملڻ تي ....“

اٿئي. هن فائونٽن کي ٽريوي فائونٽن ڪري چوندا آهن. هيءُ چونڪ هميشه پريمين سان ڀريل هوندو آهي. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پيار جون ڪهاڻيون هتي ٻڌائيندا آهن. قوهاڙي مان نڪرندڙ پاڻي پيئڻ ۾ اهڙو تہ مٺو آهي جو هر پريمي هڪ ٻئي کي ڀڪ ۾ پاڻي ڀري پيئاريندو آهي.''

تيجو چوڌاري نهاريو.

''هِنَ پاسي وٽيڪن جي وڏي رياست ۽ هُنَ پاسي سينٽ پيٽر بيسيلڪا جي شاندار دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي چرچ، جنهن ۾ مائيڪلئنجيلو جو غمبز عيسائي ڌرم جو ڪيندر آهي. ۽ اُن جي اندروني سجاوٽ 16 صديءَ جي ڪئٿلڪ چرچ جي اٿاهُ خزاني جو پرتيڪ آهي.''

''هن قوهاري کي اڇائن کي پوري ڪرڻ جو قوهارو پڻ چوندا آهن. هن قوهاري کي پٺي ڏيئي هن ۾ هڪ سڪو ڦٽو ڪرڻو آهي، ۽ گڏوگڏو من ۾ جا آشا هجي اُن جي پوري ٿيڻ جي ڪامنا ڪجي تہ اُها زندگيءَ ۾ ضروري پوري ٿيندي. اها هتي جي مڃتا آهي.''

تيجونتيءَ سريش کان ٻارن وانگر هڪ سڪو

سريش تيجوءَ کان ڪاڏي لاءِ پڇڻ ڪانسو اءِ ئي هڪ هوٽل ۾ وٺي آيو.

تيجوءَ لاءِ ڪرسي ٺاهي، تيجوءَ کي ويهاريندي پڇيو، ”ٻڌاءِ تيجو ڇا کائيندين؟“

تيجونتي مينو ڪارڊ ڏسندي رهي. سريش چيو، ”هيءُ هوٽل پاستا ڊشن لاءِ مشهور آهي، ٻڌاءِ تون ڇا پسند ڪندين؟“

ڪاڏي کائڻ کان پوءِ جا خماري ايندي آهي اُها تيجوءَ جي اکين ۾ بہ هئي. هوءَ ڪار جي دري کولي ٻاهر نهاري رهي هئي. رومن اسٽائيل ۾ ٺٽيل وڏيون وڏيون عمارتون، تيز رفتار ۾ هلندڙ ڪارن پٺيان ڪارون، پريان هوا ۾ جهومندڙ ساوا ستابا وڻ ۽ وچم رنگ بہ رنگي گلن جا ٻارا. تيجو ڄڻ هڪ نئين دنيا ۾ اچي ويئي هئي.

اهڙو نظارو هن نہ هندستان ۾ ڏٺو هو ۽ نہ ئي ڍاڪا ۾. اوچتو سريش ڪار بهاري ۽ تيجوءَ کي لهڻ لاءِ چئي پاڻ ڳاڏيءَ کان ٻاهر اچي بيٺو.

تيجونتيءَ ڏانهن هٿ وڌائي اڳيان وڌندي چيو، ”تيجو هتي جو هر جوان روميو ۽ هر جوانڙي جوليٽ

اچانڪ تيانجو رڙ ڪري چيو، ”اجها هوءَ.“

ٽي فٽ باءِ چار فٽن جي ڪئنويس تي هڪ وڏو چهرو، چهري تي پڪڙيل وارن جي لٽ، جهڪيل اکيون جڻ من ئي من ۾ ڪجهه ٻولهي رهيون هجن، چپن تي لالائي، ٻلن ۾ ڇاتيءَ جي جهڪي گلابي رنگ ۾ مٿان ڇاتيءَ تائين ململ جي پلئه جنهن مان ڪجهه به لڪي نه پئي سگهيو. سريش جو چتر تيانجو نتيءَ جي اکين ۾ ذهن ۾ ڪُپي ويو. سوچيندي به اَنومانُ نه لڳائي سگهي ته اِهو چهرو ڪنهنجو هو.

ميوزم مان ٻاهر نڪرندي سريش تيانجوءَ کي ٻڌائيندو رهيو، ”هيءَ دنيا جي ننڍي ۾ ننڍي آزاد رياست وئٽيڪن آهي. هن رياست جي چوڌاري روم شهر اَڏيل آهي.“

تيانجوءَ جو ان تواريخي سچائيءَ ۾ ڪو به چاهه نه پئي لڳو. هوءَ اُنَ چهري لاءِ جو هن جي ذهن ۾ سمائجي ويو هو سوچيندي رهي.

”تيانجو هيءَ آهي پلاٽائين ٽڪري، چوندا آهن ته هتي روميولس ۽ ريمس جاڙا ٻار مليا هئا. اها به چوٽي آهي ته هنن ٻنهي کي هڪ لومڙيءَ پاليو هو. ڪرائيسٽ

ڳھڙيو ۽ ڦوھاري ڏانھن پٺتي ڪري اکيون بند ڪري ڦٿو ڪيو.

سريش ھن ڏانھن معصوم پر شرارتي نظرن سان ڏسندو رھيو.

تيڃوءَ اکيون کوليون تہ ڏٺائين سريش جون شرارتي نظرون ھنجي چھري ۾ کتل ھيون. چيائين، ”ھاٺي اھو نہ پڇج تہ مون ڪمڙي آشا رکي سگو ڦٿو ڪيو؟ جڏھن آشا پوري ٿي مان توکي ئي پھرين ٻڌائيندس.“

ويٺيڪن ميوزم پاسي ۾ ئي ھو، ٻئي پنڌ ئي وڃي پھتا.

”ھن ميوزم ۾ دنيا ڀر جون، ھتي جي ڪيترن پادرين دو اران چئن صدين کان گڏ ڪيل قيمتي شيون محفوظ رکيل آھن. منھنجو ٻٽايل ھڪ چتر پڻ ھتي جي گئلڙيءَ ۾ رکيل آھي. ھل تہ توکي ڏيکاريان، نہ تہ تون تہ منھنجن رنگن کي سڃاڻين تون پاڻ ئي ڳولھي لھہ.“

سريش چوندو رھيو ۽ ٻئي ڪلھي سان ڪلھو ملائي ھلندا رھيا.

ڏي تنهن کان اڳ ۾ هنجو گهر اچي ويو ۽ هو گاڏي بهاري گاڏيءَ کان ٻاهر نڪري آيو. لهندڙ سج جي آخرين ڪني شفق ۾ رات جي اچڻ کان اڳ ۾ آسمان ۾ روشني ڦهلائي رهي هئي. سريش بالڪنيءَ ۾ اچي بيٺو ۽ تيجونتي پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي.

آسمان ۾ سج پوريءَ طرح چوطرف اونده ڦهلائي اُفق ۾ گُم ٿي ويو. سريش پنهنجي ڪمري ۾ اچي ڪپڙا بدلائي بستري تي ليٽي پيو. تيجونتي شانت هئي، هن کان ميوزم ۾ ڏٺل چٽر وارو چهرو وسريو ئي نه پئي.

هنجون نظرون اُن چهري کي ڳولهي رهيون هيون. سمهڻ کان اڳ ۾ ڊريسنگ ٽيبل جي اڳيان اچي ويٺي، پنهنجو عڪس آرسيءَ ۾ ڏسندي سوچي رهي هئي، اُهو چهرو جنهنکي هوءَ ايترو بيصبريءَ سان ڳولهي رهي هئي اهو هنجو ته نه آهي؟

شايد ...! شايد...!

اِن جي پڪ ڪرڻ لاءِ هنکي چوڏاهن سال پٺيان وڃڻو پوندو.

ٻئي ڏينهن هنجو روم ۾ آخرين ڏينهن هو، سياٽي هوءَ وڃڻ واري هئي. بستري تي اچي اکيون

جي مرڻ کان 800 سال اڳ روميولس روم شهر اڏيو هو.''

سريش چوندو رهيو، ''تنهن کانپوءِ پنهنجي جاڙي ڀاءُ ريسم کي مارائي، هن ٽڪريءَ تي ۽ اُنَ جي چوڌاري روم جو شهر اَڏيو. اُن کان پوءِ جيڪي به بادشاهه آيا اُهي قيمتي محلات ۽ قيمتي عمارتون اَڏيندا ويا. ۽ ها، هو پريان وڏو ميدان جنهنجي وچ ۾ هڪ ٽاور وانگر ڪجهه ٺهيل آهي، اِهو مارسيلس ٿئيٽر آهي جو جوليس سيزر ٺهرائڻ شروع ڪيو ۽ شهنشاهه آگسٽس ڪرائيسٽ جي مرڻ کان 13 سال اڳ ٺاهي پورو ڪيو. پراچين روم جو هيءُ وڏي ۾ وڏو ٿئيٽر هو. هن ۾ اٽڪل 12000 ماڻهو سمائجي سگهندا هئا.''

سريش تياجوءَ کي روم جي تواريخ ٻڌائڻ ۾ پورو هو ۽ تياجونتي پنهنجن ئي خيالن ۾ مدهوش هئي. سريش جي اُن چتر هنڪي سندس ئي خيالن ۾ گُم ڪري ڇڏيو هو. سريش اچان به ڪجهه چوڻ وارو ئي هو ته تياجوءَ پڇيو، ''سريش اهو ته ٻڌاءِ اُهو چتر ڪنهنجو هو؟''

سريش چپن ۾ مشڪيو، پر ٺيڪ ٺيڪ جواب

رنگن ۾ اُلجهندي ٿي وڃان، برش مان ٽهيل چٽرن ۾ جيئندي ٿي رهان

ٽيون ڏينهن......!

رات ڪافي گذري ويئي هئي. هلڪي آواز تي بہ تياجوءَ جي ننڊ کلي ويندي هئي. تياجوءَ جي اک کلي تہ ڏٺائين سندس پلنگ جي پاسي ۾ ئي سريش پنهنجي ايزل، برش ۽ رنگن سان ڪا تصوير ڪيڻ ۾ مهو آهي.

تياجوءَ نہ چاهيو تہ هنکي ڪاجهہ چئي هناجي اُنَ تپسيا کي ڀنگ ڪري.

ڪابہ رچنا ڪرڻ تپسيا ئي تہ آهي. يا ائين بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ هناجي اندر ۾ هڪ قسم جو موهہ پيدا ٿيو هو تہ سريش جي برش مان هناجي هڪ تصوير نڪري جا پاڻ وٽ ڪيس هميشہ سانديي رکي.

بند ڪري سوچڻ لڳي، ”هيءُ هنڪي ڇا پيو ٿئي؟“

سرشٽي سٿول ۽ سوڪيم جو ميل آهي. اسٿول تہ ناسونت آهي ۽ سوڪيم ناسونت نہ هوندي بہ انسان کان پري آهي. اُنَ سوڪيم کي پائيندي بہ منش جو من ترپت نٿو ٿئي. سٿول پٺيان ڊوڙندو ٿو رهي. جو ناسونت آهي، جو سدا نٿو رهي.

تڏهن جڏهن اُنَ جو ناس ٿو ٿئي، تڏهن ئي انسان موهہ وچان پاڳل بڻجيو پوي. موهہ ئي تہ انسان جي من جو وڏو وڪار آهي. موهہ جي ڪري ئي تہ هيءُ ننديو من سک دک پوڳي ٿو.

ڇا هوءَ سريش جي موهہ ۾ ڦاسندي ٿي وڃي؟ جي نہ، تہ هوءَ نڪيءَ وٽ واپس وڃڻ ۾ هڇڪ ڇو ٿي محسوس ڪري؟

ٿيو تہ سريش ھن کي اُنَ چٽر جي وسيلي ئي سھين پاڻ وٽ دائمي طور رکڻ ٿو چاھي.

ٻئي تيار ٿيڻ لاءِ بسترو ڇڏي اُٿي کڙا ٿيا.

سريش پنھنجي ڪمري ۾ ھليو ويو، تيجونتي تياريءَ ۾ لڳي ويئي. ھڪ ڪپڙن جو وڳو جو ھن لاجونتيءَ جو ڪم آندو ھو، سنڀال سان ويڙھي بستري تي رکي ڇڏيو.

ھنجي من ۾ اُتڪنٺا تہ ڏاڍي ٿي تہ ھوءَ سريش جو ٺاھيل چٽر ڏسي، پر ھر دفعي پاڻ کي روڪيندي رھي.

سريش تيار ٿي اندر آيو پڇائين، ”ڪيئن تيجو ھلون ڪٿي؟“

”نہ ...“ تيجوءَ جھٽ ۾ جواب ڏنو ڄڻ ڪيس خبر ھئي تہ سريش اندر ايندو ۽ اھوئي سوال پڇندو.

”اڄ منھنجي مرضي آھي مان تو لاءِ نيرن، منجھند ۽ رات جي ماني ٺاھيان.“ تيجو چوندي چوندي ڪمري کان ٻاھر وڃڻ لڳي.

سريش ھن ڏانھن نھاريندو ھنجي پٺيان ھلندو ويو، رنڌڻي ۾ اچي ھنن ڏنو ڪاٺو ٺاھڻ شروع ڪري

تياجونتي وري ننڊ نہ ڪري سگهي، سجاڳ هئي پر هن جون اکيون بند هيون.

سريش پنهنجا برش سنڀالي رکي، تياجوءَ جي پلنگ تي ويهي ٻنهي هٿن ۾ هن جو چهرو جهلي تياجوءَ جي ڳلن کي چمي چيو، ”گڊ مارننگ تياجو.“

تياجوءَ اکيون کوليون تہ ڏٺائين ڪمري ۾ روشني آهي ٻاهر جيتوڻيڪ سج مٿي نہ چڙهيو هو، تڏهن بہ ايتري روشني هئي، جو هوءَ سريش جون خماري اکيون ۽ اُنَ ۾ سمايل پنهنجو چهرو ڏسي پئي سگهي.

سريش پڇيو، ”تياجو تون ڇا اڄ وچين ٿي؟“

تياجوءَ سريش جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي چيو، ”ڇو ٿي وڃان؟“ ٿوري دير ٻئي ليٽيا رهيا.

”تون ڇا سموري رات هتي ئي هئين؟“

”ها تياجو بس ائين ئي خيال آيو ’تون‘ تہ توسان هونديئن ئي، تون مون سان بہ هجين اِها ئي ڪوشش ڪري رهيو هوس.“

تياجو جو سوچي رهي هئي، اُهو نہ ٿيندو ڏسي تياجو نراش تہ ٿي پر ڪيس هڪ عجيب احساس بہ

ڪيي ڏنو.

هاڻ تياجو ۽ سريش گهر ۾ اڪيلا هئا. تياجو ته رنڌڻي ۾ سريش جي من پسند پوري ۽ پٽاٽن جي ڀاڄي تاهڻ ۾ لڳي ويئي.

سريش تياجوءَ جي ڪمري ۾ اچي پنهنجي اڌ رنگيل چتر کي پورو ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

”شرت چندر جي نائڪا جي ته هرهڪ پوري ڦنڊندي هئي، تنهنجن پورين جو ڪهڙو حال ٿيو تياجو! اهو ته ٻڌاءِ؟“ واپس اچي سريش ٽيبل تي وهندي پڇيو.

”منهنجي به هرهڪ پوري ڦنڊي آهي، جي انجي پڪ ڪرڻي هيئه ته رنڌڻي ۾ اچي ڏسين ها.“ تياجوءَ هڪ پليٽ ۾ پٽاٽن جي ڀاڄي ۽ پوريون وجهندي جواب ڏنو. ڪيترا سال اڳ ۾ به هنن ڪيترا دفعا گڏجي کاڌو هو، پر اڄ جڏهن سالن کان پوءِ اڪيلا گڏ هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا هئا ته ٻئي ماضي ۾ کويل هئا. اوچتو سريش پڇيو، ”تياجو اهو ته ٻڌاءِ تون ڇا اڄان به لکندي آهين؟“ ”نه سريش، منهنجو قلم بس رنڌڻي ۾ ديگڙن جي ڪيوري ٻڻجي

چڙهيو هو.

”مريا تون پاسي ٿي اڄ مان ٿي رنڌڻو سنڀاليان.“ تيجوءَ گهر ڏياڙيءَ وانگر حڪم ڪيو.

”تون چاهين ته اڄ موڪل ڪري سگهين ٿي. اڄ منهنجو آخرين ڏينهن آهي هتي.“

”او هو مئڊم، روم ڇا توکي پسند نه آيو؟“ مريا پڇيو.

”روم تمام سندر آهي، اُن کان وڌيڪ سندر آهن هتي جا ماڻهو. ڏس نه تون ڪيتري مٺي آهين، صبوح جي چانه جڏهن تون مونکي بستري ۾ ڏيندي هئينءَ، ته مونکي منهنجيءَ ماءُ جو گهر ياد ايندو هو.“

مريا اکيان وڌي تيجوءَ کي هڪ وڏو ڀاڪر پائي چيو، ”ڀڳوان تنهنجيون سڀ ڪامنائون پوريون ڪري.“

تيجوءَ جي اکين ۾ آلاڻ پرجي آئي. پاڻ کي نه روڪي سگهڻ ڪري رنڌڻي مان ٻاهر هلي ويئي. مريا اڃان وچڻ تي هئي ته تيجوءَ هنکي سڏ ڪري چيو، ”مريا هيءُ وٺُ گهر وارن لاءِ ڪجهه وٺي وڃج.“

تيجوءَ مريا کي پنجاهه يورو جو هڪ نوٽ

اُيري بہ اُٿندي آهي.'' ڪشور هن جي همٿ افزائي ڪندي چيو.

ٻئي پلن لاءِ چپ رهيا. تيجو چپ تہ هئي پر هن جي اندر هڪ لوچ ڪڙ موڙي رهي هئي.

تيجو ٽيبل تان اُٿي اندر هلي ويئي. سريش ويٺو ئي رهيو. سوچيندو رهيو، ٿوري ئي وقت ۾ تيجونتي هلي ويندي. گهر سا ڳڻ هنجو من بہ خالي خالي ٿي ويندو. هنجي ٻارن کي واپس اچڻ ۾ اجان چار پنج ڏينهن هئا. سريش اندر ڪمري ۾ وڃڻ جي سوچي ئي رهيو هو تہ تيجونتي پنهنجيءَ هٿنبڻ بئگ سان ڳڻ ٻاهر اچي ويئي.

''ڪيئن سريش هلون؟'' تيجوءَ بئگ رکندي چيو.

''گهڻو وقت لڳندو ايئرپورٽ پهچڻ ۾؟''

''تون اُنَ جي چنتا نہ ڪر مان توکي وقت تي پهچائيندس، هن دفعي اليٽليا وارا توکي هتي رهڻ نہ ڏيندا.''

سريش تيجونتيءَ جي بئگ کڻي هلڻ لڳو. ڪار ۾ جي پٺيئن سيٽ تي رکندي اڳيان ويهي ڳاڏي شروع

رهجي ويو آهي.“

تيجونتي چوندي رهي، ”شاديءَ کان پوءِ جلد ئي ڊاڪار وچڙ پيو. جيستائين اُتي جي حالتن سان ٺهڪان قلم هٿن مان ڇڏائجي ويو.“

”اهو ٺيڪ نہ ٿيو تيجو. مونکي تنهنجيون ڪيتريون لکڻيون ياد آهن. خاص طور تنهنجيون آزاد نظمون.“

”اُهي ڏينهن هئا سريش، شايد وقت سان گڏ جيون جو بدلجڻ ضروري آهي.“

”برابر بدلاءُ ئي جيون آهي، پر ڪابہ رچنا ڪرڻ جي خلش ناس نہ ٿي ٿئي. فقط ڪن پلن لاءِ ٺڏي ٿي ٿئي.“

”اهو اُنَ خلش جي شدت تي ٿو مدار رکي. ممڪن آهي منهنجي من ۾ اُها شدت نہ هئي.“

”ڪنهنجي بہ من ۾ دبيل اُمنگ، احساس، جذبا جي ڪنهن ماقول هوا لڳڻ سان ٻجهي بہ وڃن، اُهي وري هڪ چنگاريءَ جيان جاڳي اُٿندا آهن. رچنا ڪندڙ جي دل ڪڏهين بہ مرڻ جي ڪانهي. بدلاءُ جي هڪ جهونڪي سان دٻجي وڃي تہ ٻئي جهونڪي سان

”مان بہ نہ ٿي ڄاڻان، نہ ئي ڄاڻڻ ٿي چاهيان. اها رات ڪيئن آئي ۽ ڪيئن گذري ويئي.“ ”اهڙي هڪ رات سال اڳ بہ آئي هئي. پر اهو ڪجهہ نہ ٿيو هو جو اُنَ رات ٿي گذريو.“

”سال اڳ منهنجي من ۾ هڪ ڊپ هو تہ شايد سريش ذميداري کڻڻ لاءِ تيار نہ هو.“

”تنهن وقت مون تنهنجي استريپڻي جي سومان ڪي مهتو ڏنو هو.“

”ذميداري لفظ شايد صحيح نہ بہ هجي، پر مان پيو ڪجهہ سوچي نہ سگهي هئس.“

”هنن ٻوٽن ۽ وڻن جي ڪهڙي نہ عجيب فطرت آهي، جو هر مؤسم بدلجڻ سان گڏ پنهنجا پتا ڇڻي نون پتن جو نرماڻ ٿا ڪن.“

”انسان جي وقت سان گڏ جيئي، تہ جيڪر هن ڪي اندر جي گهٽن کان مڪتي ملي وڃي ۽ هو هر پل جو جيون آنند سان جي سگهي.“

وچ وچ ۾ سريش جو هٿ تيجوءَ جي هٿ مٿان رکجي پئي ويو. تيجونتي اُن ڇُهاءَ کي محسوس ڪندي رهي.

ڪئي. روم جا وڏا وڏا رستا، رستي جي ٻنهي پاسي
گلن جي ٻارن سان گڏ ساوا ساوا وڻ ۽ اُنهن جي چوڌاري
وڇايل سائو گاهه. ڌرتي ڄڻ هڪ سائي غاليچي سان
ڍڪيل هئي.

تيجونتيءَ پنهنجي پاسي واري دري اڌ کولي
ڇڏي. هوا جي ٿڌي جهونڪي سان گڏ تيجونتيءَ
جو هٿ سريش جي سٿر تي رکجي ويو. ۽ اُن ’۽‘ ڪانپوءِ
ٻنهي جي اندر ۾ ڪيترا چتر چٽجندا ويا. ٻئي اندر
ئي اندر ڪجهه سوچي رهيا هئا هڪ ٻئي کان بيخبر،
اڻواقف پاڻ ۾ کويل.

”تون وچين رهين آهين پريسي؟“

”مان ڇو وچين رهي آهيان پريه.“

”گذريل ٽن ڏينهن ڄڻ صدين جو ويڇو مٽائي
ڇڏيو.“

”هيءُ ٽي ڏينهن جي تو مونکي ڏنا آهن سريش،
اُن لاءِ مان زندگيءَ جو باقي حصو سڪون سان گذاري
سگهنديس.“

”نٿو ڄاڻان تيجو، اُها پهرين رات ڪيئن آئي،
گذري، ڇا ٿيو ۽ ڪيئن ٿيو. نٿو ڄاڻان.“

سريش هن جي ٻُلبي کي چپن سان هلڪو چهي چيو، ”تيجو تنهنجي قلم ۾ جا طاقت ء جو رس آهي اُن کي وري اُجاگر ڪر. واهڻ گهٽيءَ آهن. اُنهن تائين پهچائڻ جو ڪم منهنجو. تون چاڻين ٿي تنهنجي قلم مان نڪتل ڪيترين تصويرن جي آڌار تي منهنجا ڪيترا چتر ٺهندا هئا.“

تيجونتي موٽ ۾ سريش جي ٻُلبي کي چپن سان هلڪو چهي اندر وڃڻ لڳي.

ويندي ويندي هن وري پٺيان ڪنڌ ورائي نه ڏٺو.

پر سريش هنڪي تيستائين ڏسندو رهيو، جيستائين تيجو ڪيس نظر ٿي آئي.

تيجونتي هنجي نظرن کان اوُپ ته ٿي ويئي، پر هنجي ذهن ۾ تيجوءَ جي ڇاپ اجان ڇپيل هئي.

هو ڪيتري دير ويٺو رهيو، هنجي اکين ۾ ڇڻ هڪ اُميد هئي ته تيجو ڊوڙندي وري اچي هنجي ٻانهن ۾ سمائجندي.

هنجي ڪار پارڪنگ بلڊنگ جي ٻئي ماڙي تي بيٺل هئي پر سريش هيٺ اچڻ جي بدلي مٿي وڃڻ لڳو.

ائين ئي ٻنهي جو ننڍو سفر گهر کان ايئرپورٽ تائين ڪجهہ سوچيندي، ڪجهہ محسوس ڪندي، هڪ ٻئي سان گڏ هوندي بہ هڪ ٻئي کان الڳ، پنهنجو پاڻ سان طئہ ٿي ويو.

لگيج ڪائونٽر تان پنهنجيون بہ بئگون وٺي چيڪ اِن ڪري وچڻ واري رستي ڏانهن ٻئي وڌڻ لڳا.

بئگون چيڪ اِن ڪري ٻئي جهاز ڏانهن ويندڙ رستي طرف وڌندا رهيا. شانت، هٿ ۾ هٿ ڏيئي اچي جهاز ڏانهن ويندڙ دروازي تائين پهچي ويا.

ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون هئا. تيجوءَ جي اکين ۾ آلاڻ هئي.

سريش تيجوءَ کي سيني سان لڳائي چيو، ”تيجو هنن ٽن ڏينهن جا پندرهن سالن جي دوري ختم ڪري ڇڏي ۽ اُنهن ڏينهن کي واپس آڻي ڇڏيوجي وري دور نہ ٿيندا.

هاڻ تو وٽ منهنجي ائڊريس آهي، اُميد اٿم مون سان لهوچڙ ۾ ضرور رهنديئن.“

تيجونتيءَ اکين کي جهڪائي ۽ اشاري سان ها ڪئي پر زبان سان ڪجهہ بہ چئي نہ سگهي.

ڳهڙين لاءِ ئي سهين الڳہ ٿو ٿاجي.

ڪارڊ لکي هن هوسٽيس کي پوسٽ ڪرڻ لاءِ ڏنو ۽ پاڻ اکيون بند ڪري سمهي پيئي.

سريش جي اکين اڳيان جڏهن جهاز اوجهل ٿي ويو تہ هو ڪار ۾ ويهي گهر ڏانهن هلڻ لڳو.

برش ڪٽي جو چتر هن اڌ ۾ ڇڏيو هو اُن کي جهڪن رنگن سان رنگڻ لڳو.

ڇهري تي ڪريل وارن جي ڇڳ.

جهڪيل اکيون.

چپن تي هلڪي مسڪراهٽ ۽ ڳلابي رنگہ جي هلڪي ليڪ.

ڇاتيءَ تي سنهي ساڙهيءَ جو پلءُ جنهن مان سڊول سيني جي لالاڻ جهاتي پئي پاتي.

چتر کي ديوار تي ٽنگي هن محسوس ڪيو، شايد هن کان ڪڏهن الڳہ ٿيو ئي نہ آهي.

جهاز ڊاڪار پهتو.

سڄ جي باريڪ ڪني مس نڪتي هئي.

تيڄونتي ٻاهر آئي ڏٺائين نکي هن لاءِ بيٺو هو.

اليٽيليا جو جهاز مٿي اُڏامڻ لڳو. سريش جون اکيون جهاز ۾ اٽڪيل هيون. هو محسوس ڪري رهيو هو ڄڻ هنجو سڀ ڪجهہ لٽي ڪير مٿي ئي مٿي وڃي رهيو هو.

تيجونتي جهاز ۾ اندر اچي پنهنجي جاءِ تي تہ اچي ويٺي پر سندس من ڄڻ هيٺ ڌرتيءَ تي ئي رهجي ويو هو.

سوچي رهي هئي، هوءَ نہ ڄاڻ ڪو قيمتي خزانو ڪٽي مٿي ئي مٿي اُڏامندي پئي ويئي.

تيجونتي اکيون بند ڪري ڪجهہ گذريل گَ هڙين ۾ ڪجهہ ايندڙ گهڙين لاءِ سوچيندي رهي. هو سٽيس کي ڪوٺي هن کان هڪ پوسٽ ڪارڊ ورتو ۽ لکڻ شروع ڪيو.

پريتم وڃي رهي آهيان،

پريتم وڃي رهي آهيان دور ديش ۾.

ياد جو ديپڪ اگر روشن رکي سگهين تہ نہ وسارج.

هاڻ ڄاتم تہ هن دل جو هيءُ عجيب رشتو ڪيترو ستائي ٿو، جڏهن ڪنهن پنهنجي کان ڪن

وقت گذرندو ويو. پلن پٽيان پل. گهڙين پٽيان گهڙيون. ڏينهن ڪانپوءِ ڏينهن. مهنا. پوءِ سال.

وقت به وقت تيلجوءَ وٽان خط ته آيا پئي پر انهن ۾ ڪن جذباتي ادبي لطيفن ڪانسواءِ شاخصي حياتيءَ جو ڪوبه ذڪر نه هوندو هو.

سريش تيلجوءَ جي هر خط جو جواب ته نه ڏيندو هو پر جڏهن تيلجوءَ جو ڪو ادبي لطيف ڪنهن مگزن يا رسالي ۾ ڇپجندو هو ته تيلجوءَ کي موڪلي ڏيندو هو.

جو سريش سوچيندو هو، اُنَ ئي خيال جي آڌار تي تيلجوءَ جو ادبي لطيف ڪن ڏينهن ڪانپوءِ هنڪي ٽپال ۾ اچي ويندو هو. ائين لڳندو هو ڄڻ هنن ٻنهي جي دلين جي ڌڙڪن هڪ ئي طرز تي ڌڙڪندي هئي فقط هنناجي وچ ۾ مفاصلو هو. تيلجو ڍاڪا ۾ هئي ۽ سريش روم ۾.

هڪ دفعي تيلجوءَ لکيو هو،

”چنڊ هتي به آهي، چنڊ تو وٽ به آهي.

چنڊ جي چانڊني جڏهن منهنجي بدن کي ڀڳوئيندي آهي، ته تنهنجي ڇهاءُ کي محسوس ڪندي

تياجونتي نڪيءَ سان ياڪر پائي گڏي تہ سهين پر هن جو من بيچين هو. پهريون خيال جو تياجونتيءَ جي ذهن ۾ آيو اُن هنجي من کي جهنجهوري ڇڏيو.

سموري ٿَٽل تو وٽ آئي آهيان پريہ.

ٿَٽل من ڪٽي،

ٿَٽل تن ڪٽي،

ڪنبت،

ان لاءِ مونکي معاف ڪاج منهنجا پريہ ...!

ڪار ۾ ويٺي تہ سهين پر هنجو من اشانت هو ۽ هوءَ ڪٿي ڪويل هئي اُن ڪان اڻڄاڻ. نڪيءَ چپ کي ٽوڙيندي پڇيو، ”پڌاءِ تنهنجو روم جو ٽن ڏينهن جو سفر ڪيئن هو؟“

”روم تمام سهڻو شهر آهي،“ تياجوءَ سجاڳ ٿيندي جواب ڏنو.

”۽ تنهنجو جهونو متر سريش جو ڪهڙو حال هو؟ ڇا پيو ڪري؟“

”برش، رنگ، ڪئنويس ئي هنجي زندگي آهي. سالن ڪان پنهنجي ننڍي ڪٽنب سان خوش آهي.“

”جسم ۾ تنهنجي آهٽ تي محسوس ڪريان.
سج جا ڪرڻا مونسان راند ڪرڻ لڳا آهن.
هوائن جا جهونڪا ڪنن ۾ متر ڏني آلاپي رهيا آهن.

فضا ۾ عجيب رنگت وچائجي ويئي آهي.
مان پاڻ کي هاڻ اڌوڙي نہ پوريءَ طرح پورن پيئي سمجهان.“

ان کان پوءِ هنجو خط اچڻ بند ٿي ويو. سريش تياجونتيءَ ڏانهن خط لکي اُهو سلسلو هن اچان شروع نہ ڪيو هو. وقت گذرندو ويو. سريش پنهنجي ايزل، پنهنجا رنگ، پنهنجا برش ۽ پنهنجا ڪئنويس سڀ پاسي رکي ڇڏيا هئا.

آهيان ۽ منهنجو بدن ڪنهن عزغبئي لرزش ۾ اچي ويندو آهي.

هوائون چادر بڻجي منهنجي بدن کي ويڙهي ويندیون آهن.

مان پاڻ کي پوريءَ طرح محفوظ سمجهندي آهيان.

اِها ڪهڙي تڙق آهي؟ ڪهڙو احساس آهي؟ نٿي ڄاڻان؟“

هر ادبي لطيف مان اُتساهه پائي سريش جي برش مان هڪ نئين چتر جو نرماڻ ٿيندو هو.

وري ڪن مهنن کان پوءِ هن لکيو هو، ”جڳن کان رانديڪن سان راند ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو، اڄ رانديڪا پيارا لڳڻ لڳا آهن.

نہ ڄاڻان زندگيءَ جي ڪهڙي گهڙيءَ ۾ شام اچي، روشنيءَ جو ساٿ ڪيجهہ وقت وڌيڪ رهڻ ڏي.

هي پريہ تنهنجو عڪس مون سان آهي، مان هر وقت توسان گڏ آهيان“

تيانجو نتيءَ سريش ڏانهن آخرين خط ۾ لکيو هو،

انڪري هندستان ۾ سندس ڪيترين سماجڪ سنستائن سان سندس لهه وچڙ وڌي ويئي ۽ جنيوا ۾ هن جو لاڳاپو انتراشٽريه سطح تي هڪ مقبول سنستا ''يو اين هيومن رائيٽس ڪائونسل'' سان گهرو ٿيندو ويو. اُن جو فائدو وٺي لاجونتي روم جي سنڌي ڪٽنبن ۽ سنڌي ٻارن ۾ سنڌي تهذيب، سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جو پرچار ڪرڻ ۾ رڌل رهندي هئي، سندس وشواس هو ته هر گهر ۾ جي گهر ڌياڻي پنهنجن ٻارن سان سنڌيت کي قائم رکڻ جي شروعات ڪندي ته سنڌي جاتي پنهنجي زمين ڇڏي اچڻ ڪانپوءِ به قائم رهندي ۽ جي سنڌيت قائم رهي ته سنڌي جاتي زنده رهندي.

سريش لاجونتيءَ جي ڪمري ۾ آيو ته ڏٺائين هوءَ پنهنجي بئگ ۾ پنهنجا ڪپڙا وجهي رهي هئي.

''پياري لاجو وري ڪٿي جي تياري آهي؟''

سريش لاجوءَ کي پٺيان اچي پنهنجن ٻانهن ۾ ويڙهيندي پڇيو.

''سپاڻي مان جينوا وڃين رهي آهيان، يو اين ڪائونسل جي خاص ميٽنگ آهي. مون مريا کي سڀ سمجهائي ڇڏيو آهي. گهر پوريءَ طرح سنڀاليندي.''

لاجوءَ پاڻکي سريش جي ٻانهن مان ڇڏائڻ

لاجونتي .... !

سچو هفتو لاجونتيءَ جي اچڻ جو سوچيندو رهيو. هڪ ڪشمڪش هن جي اندر هن کي ڪي قدر جهنجهوري رهي هئي. تيلاجوءَ سان گذاريل ٽي ڏينهن هن جي ذهن مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتا پئي لڳا. لاجوءَ سان انهن ڏينهن جو ذڪر ڪري يا نہ ڪري؟ هڪ وڏو سوال بڻجي ويو هو هن لاءِ. لاجونتي واپس آئي ۽ اچڻ سان ئي گهر ۽ ٻارن ۾ اُلجهي ويئي.

ائين لڳي رهيو هو ڪو خاص ڪم ڪرڻ لاءِ ڪيس وقت ڪپندو هو جنهن ڪري هرڪو ڪم سلجهائي اُن خاص ڪم لاءِ پاڻ کي ميسر ڪري سگهي. لاجونتي گهر ۽ ٻارن کي سنوارڻ ۾ رڌل هئي تہ سريش ڪو وقت گهر کان ٻاهر ۽ ڪو وقت گهر ۾ هوندي بہ پاڻ کان پري هو.

هڪ نئين جنون لاجوءَ کي روم جي سنڌي ڪٽنبن ۾ هڪ خاص جاءِ عطا ڪئي هئي. لاجو هندستان ۽ جنيوا ۾ ڪاجهہ وڌيڪ ئي اچڻ وڃڻ لڳي.

ذهن ۾ اڃان بہ چپيل هئا. هن اُن عڪسن کي ڏنڊلو ڪرڻ پئي چاهيو.

صبوح ٽيو ٻارن کي اسڪول موڪلي، مريا کي سڀ سمجهائي لاجونتي ڪار ۾ اچي ويٺي. مريا بہ ننڍيون ٻئگون ڪٽي هنجي پٺيان پئي آئي. سريش اڳ ۾ ئي ڪار ۾ ويٺو هو. مريا ٻئي ٻئگون پٺيئن سيٽ تي رکي موڪلائي اندر هلي ويئي.

ڪار لاجونتي هلائي رهي هئي. سريش ڪار جي اڌ دري کولي آرام سان ٽنگن کي ڊگهو ڪندي پڇيو، "هاڻي ٻڌاءِ تنهنجي جنيوا ۾ جا ٽيندو آهي؟" لاجوءَ جي پاسي واري دري بہ اڌ کليل هئي، هواءِ جي جهوڪن ۾ سندس کليل وار هن جي چهري کي سنواري رهيا هئا. لڙي آيل وارن جي لٽ کي سريش هڪ دفعو هنجي ڪن پٺيان ڪندي چيو، "چاڻانٿو وارن جي لٽ تنهنجي چانبوڪي چهري کي وڏيڪ خوبصورت ٿي بڻائي، انجو اهو مطلب نہ آهي تہ تون ڊرائيونگ ڪرڻ وقت بہ ..."

"بس بس وڌيڪ خوشامند ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. هاڻ مونکي ڪنهن ٻئي کي پاڻ ڏيکارڻو تہ نہ آهي، جهڙي آهيان تنهنجي آهيان." لاجونتيءَ سريش

ڪانسو اءِ ئي جواب ڏنو. سريش لاجوءَ کي چڙي بستري تي ليٽندي چوندو رهيو، ”لاجو اگر هن دفعي مان به توسان گڏ هلان ته ڪيئن؟ توهانجي ڪانفرنس گهٽ ڏينهن جي آهي؟“

”ٽن ڏينهن جي، تون هلي ڇا ڪندين، تنهنجو هنن مسئلن ۾ ڪهڙو چاهه،“ لاجوءَ مشڪندي جواب ۾ چيو.

سريش ٿورو سوچي جواب ڏنو، ”ائين نه آهي ته منهنجو ڪو چاهه نه آهي، مونکي ته خبر ئي نه آهي ته اها ڪائونسل ڪندي ڇا آهي ۽ تنهنجو اُنَ ڪائونسل ۾ ڪهڙو رول آهي؟“

”جي هلندين ته توکي معلوم ٿي ويندو ته ڪائونسل ڇا آهي ۽ ان ۾ منهنجو ڪهڙو رول آهي.“

”۽ جي مونکي ڪجهه سمجهڻ ۾ نه آيو ته مان لگونا هليو ويندس هڪ ٻن ڏينهن لاءِ ... ۽ واپس موٽندي توکي وٺندو ايندس.“ سريش لاجونتيءَ سان گڏ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو. اهو ان لاءِ نه هو ته ڄاڻڻ پئي چاهيائين ته يو اين ڪائونسل ڇا آهي، هو ته ڪن ڏينهن لاءِ روم شهر کان ٻاهر ٻاڙ کي واپس پائڻ لاءِ وڃي رهيو هو. تيلجوءَ سان گذاريل ٿي ڏينهن هنجي

ماتريومي، يگ يگ جو سمورو ورثو، پنهنجي تهذيب ۽ ساهتيہ سي چڏي شرنارٿي جيون گذارڻ لاءِ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا.'' لاجونتي اتساهت ٿيندي چوندي ويئي.

سريش لاجونتيءَ جي چهري تي هڪ انوکي مٺيا جهلڪندي ڏسي رهيو هو. ڪجھہ پل ٻئي شانت هئا. وري بہ سريش چيو، ''جنهن گهٽنا کي گذري 65 سال گذري ويا آهن ۽ ان وقت جي جنتا ۽ اڳوان ڪجھہ نہ ڪري سگهيا هاڻ ڪير بہ ڇا ٿو ڪري سگهي.''

''اسين هن مسئلي کي اهڙي نموني نٿا ڪٺون جو تون ٿو سمجهين، سريش اسان جو مسئلو آهي اڄ جو، سنڌي جاتيءَ سان ٿيندڙ اڄ جي وهنوار جو، ۽ سنڌين جي حقن جو، سنڌي جاتيءَ جي وجود جو.'' سريش کي ڏيان سان ٻڌندو ڏسي لاجونتي وڌيڪ چوندي رهي، ''سنڌين ڀارت ديش کي پوريءَ طرح اپنائي ڇڏيو آهي، جتي بہ رهن ٿا اتي جي مٽيءَ ۾ رنگجي ويا آهن.''

''پوءِ مسئلو ڪهڙو آهي؟'' سريش سوال ڪيو.

''اڄ اسانجي جاتيءَ جي وجود جو سوال آهي. راڄنيتي حقن جو سوال آهي. ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ

کي اڏ ۾ ڪٽيندي ڇيو. ڪار کي پاسيرو ڪري بهاريو ۽ هئنڊبئگ مان هڪ ربن ڪڍي وارن کي پٽيان ٻڌي ڇڏيو. سريش مشڪندي هن ڏانهن نهاريندو رهيو.

سريش به منو هو هڪ من سان سوچي رهيو هو ته لاجو تياجونتيءَ جي ملاقات بابت ڪڏهن ٿي پڇي، ۽ ٻئي من ۾ سوچائين پئي هن کان جنيوا جي لاءِ پڇي ته آخر اتي ٿئي ڇا پيو. هو ڪجهه چوي تنهن کان اڳ ۾ تياجونتي چوڻ شروع ڪيو. ”توکي اها ته خبر هوندي ته سئزرلئنڊ هڪ آزاد ملڪ آهي جو ڪنهن به ٻئي ملڪ جي پاليسين جو پوئلڳ نه آهي. انڪري انترراشٽريه سطح تي جيڪي به ڳالهه ٿينديون آهن اُهي جنيوا ۾ ٿينديون آهن. يو اين ڪائونسل جي انٽرنئشنل آفيس جنيوا ۾ آهي.“

”اُتي تنهنجو ڪهڙو مسئلو آهي ۽ توکي ڪنهن سان ڳالهه ڪرڻو آهي؟“ سريش سوال پڇيو.

”منهنجو شاخصي مسئلو آهي به ۽ نه به، اڄ کان 65 سال اڳ 1947 ۾ اسانجي ڀارت ديش جو ورهاڱو ٿيو هو. ان ورهاڱي ۾ هرهڪ جاتيءَ کي پنهنجي سموري ڌرتي يا ڪجهه حصو حاصل ٿيو سواءِ هڪ ٿي سنڌي جاتي هئي جا پنهنجي سموري

سريش ياڻيپي ويو تہ لاجونتي مايوس آهي، ڳالهہ کي بدلائيندي پڇيو، ”سنڌ ۾ سنڌين جو ڪهڙو حال آهي؟“

”منهنجي دادا هڪ ڀيرو لکي هئي سنڌ جي سنڌين تي، جنهن ۾ هن لکيو هو تہ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي خوش هئا جڏهن هندو سنڌي لڏڻ وارا هئا. ڇو جو هنن کي اميد هئي تہ نہ فقط هو سنڌي هندو زميندارن جي ظلمن ۽ قرض کان آجا ٿيندا، پر هندن جي ڇڏيل پوري ملڪيت هنن کي ملندي. پر ائين نہ ٿيو. هندستان مان لڏي آيل مهاجر سڀ جو سڀ سنڌ ۾ اچي رهيا. انجا ڪيترا سبب هئا هڪ تہ سنڌ مان ڇڏي ويل هندن جون ملڪيتون سموريون هنن کي مليون، ٻيو پنجاب بينگال ۾ هندستان جي اڌ پنجاب ۽ اڌ بينگال مان آيل پناهگير اُنهن ٻنهي پرانتن ۾ ئي وسايا ويا. بلوچستان ۽ اُتر اولهہ وارا پرانت پهاڙي هئا جنهن جي آب هوا ٿڌي هئي جنهن تي هو هريل ڪونہ هئا. سنڌ جي آب هوا هنن لاءِ وڌيڪ ٺهڪندڙ هئي. ٿوري ئي عرصي ۾ هو اهو بہ ڀانپي ويا تہ سنڌي قوم ايوجهہ ۽ امن پسند آهي، پنجابين ۽ بينگالين جيان پٿر جو جواب پٿر سان ڏيڻ واري نہ آهي. هو سنڌين جي مٿان غالب پئجي

ڪي بچائي رکڻ جو سوال آهي.“ لاجوءَ ٿوري ۾ سريش کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

سريش ڪجهه سوچي سوال پڇيو، ”ان ڏس ۾ پارٽي سنڌين ڪهڙيون ڪوششيون ڪيون آهن؟“

”ان ڏس ۾ پارٽي سنڌي گهڻو ڪجهه ڪري رهيا آهن. هر سرڪار اڳيان هڪ ميمورنڊم به پيش ڪيو ويو آهي، پر هر سرڪار انهن حقي گهرجن کي اٽيڊو ڪري ڇڏيو آهي.“

”تنهنجو اُن ۾ ڪهڙو رول آهي؟ هڪ ڄڻو ته ڪجهه به ڪري نٿو سگهي، هن پهاڙ جيڏي ڪاريه لاءِ ته هڪ سنستا جي ضرورت آهي.“

”برابر، مون يو اين ڪائونسل ۾ ڪيترن ملڪن جي عيوضين سان ان باري ۾ ڳالهايو آهي، يو اين او ۾ هڪ خاص سنڌي ونگ پڻ آهي، جنهنجي شروعات منهنجو دادا ڪري ويو هو. نه فقط ايترو هندستان ۾ پڻ ڪيترن اين جي اوز سان مان لهه وچڙهه ۾ آهيان. ڪن سنڌي اڳوانن سان به ملي آهيان. چوندا آهن نه ته، (جيسين لولو ڪٽي لٺ، ڪڙهه وجي اُجهامي) سنڌي اڳوانن جي اهڙي حالت آهي. لاجوءَ جي چهري تي مايوسي ۽ افسوس صاف ظاهر هو.

”نہ ائين نہ آهي. منهنجو سنڌ ۾ سنڌين سان لڳاپو منهنجي دادا جي ڪري آهي. تون ڄاڻين ٿو منهنجو دادا نہ فقط هڪ لنگئسٽ هو پر سنڌيءَ جي هر هلچل ۾ ڀاڱ وٺندڙ هو. هو پارٽ جي ڪيترين ئي سنڌي سنسٿائن سان لهوچڙه ۾ هو.“

ڪافي ۾ ٻہ پيسٽريون ٻئرو رکي ويو، گرم گرم ڪافيءَ جو ڍڪ ڀريندي لاجونتيءَ چيو، ”هڪ پاسي سنڌ جا سنڌي سنڌ ڇڏي ويل هندن ڏانهن مدد لاءِ نهاري رهيا آهن تہ افسوس جي ڳالھہ آهي ساڳيا سنڌي هندو نياڻين کي پڄائي هنن سان زوريءَ شادي ٿا ڪن ۾ هننجو زوريءَ ڌرم ٿا بدلائين.“

”عجيب فطرت آهي انساني دنيا جي انسانن جي، اسان ڪلاڪارن جي دنيا ۾ نہ ڪوئي هندو آهي نہ مسلمان نہ سک نہ عيسائي. سڀ پيدياو ڪان پري، قدرت جي ڇانو ۾ هڪ الهدي دنيا.“

”سريش اسين آهيون تہ هنن ئي انسانن جي دنيا جو حصو، هنن جي ئي وچ ۾ رهون ٿا. هنن جي ئي وچ ۾ رهي پلجي وڏا ٿا ٿيون. صرف سوچ جو فرق آهي.“ ڪافي ختم ڪري لاجوءَ چيو، ”هل هلون انسانن جي هڪ ٻيءَ دنيا ۾.“

ويا. ان حالتن سنڌي مسلمانن کي مهاجرن جو غلام بڻائي
ڇڏيو. سنڌ پرانت سکيو سياڻو هو، سنڌي مسلمان گهڻي
هٽي ڀاڳي اڻ پڙهيل هئا، ۽ مهاجر هننجي ڀيٽ ۾
وڏيڪ پڙهيل هئا. جنهن ڪري سرڪاري نوڪريون
بہ هننکي مليون. نتيجو اهو نڪتو جو هو واپس
لڏي ويل هندن ڏانهن نهارڻ لڳا جنهن لاءِ هنن ڪيتريون
سنسٿائون ٺاهيون. سنڌين کي حق وٺي ڏيڻ لاءِ يا آزاد
ٿيڻ لاءِ. هنن جي پڻ هڪ ونگ آهي جا سنڌ جي سنڌين
جي حقن جي لاءِ ڪوششيون ڪري رهي آهي."

قريبن ٻن ڪلاڪن جي ڊرائيونگ کانپوءِ بيسل
شهر آيو. بيسل شهر رائين نديءَ جي ڪناري تي آهي.
رائين ندي ٽن ملڪن مان ٿي لنگهي، سئزرلئنڊ، جرمني
۽ فرانس. لاجونتي ڪار هڪ ڪئفيٽريا وٽ اچي
بيهاري، ٻئي ڪار مان لهي اندر اچي ويٺا. ڪافيءَ جو
آرڊر ڏيئي لاجو سريش طرف هنجي ڪاجهہ ڀرئيندڙ
نظرن ڏانهن ڏسندي پڇيو، "اجان ڪاجهہ پائڻ تو
چاهين؟ يا بور ٿي وئين منهنجين هنن ڳالهين مان."

"نہ پياري سوچيو پئي گيان ڪوش جو ڀنڊار
منهنجي گهر ۾ موجود آهي ۽ مان بلڪل ان کان بيخبر
آهيان."

جهومندا نظر پئي آيا.

لاجونتي هٿ ۾ هڪ فائيل کڻي عمارت جي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳي ۽ سريش هنجي پٺيان پٺيان اچڻ لڳو. اڄ هڪ انسان ذات جي حقن لاءِ لڙندڙ ناريءَ اڳيان اڳيان ۽ ڪلا ڪيتر ۾ پرسڌ ڪلاڪار پرش هن جي پٺيان پٺيان اچي رهيو هو. اندر هڪ وڏو هال جو ڪنهن ديش جي پارليامينٽ وانگر الڳ الڳ ديشن جي عيوضين سان ڀري ڀريل هو. لاجو سريش سان گڏ ويهي رهي.

ايران مان لڏي ويل ايرانين جي عيوضيءَ منچ تي اچي پنهنجا مسئلا پيش ڪيا جنهن جي لاءِ ٽن ڄڻن جي ننڍي ڪاميٽي ٺاهي ويئي، ان کان پوءِ آيو افغانستان جو عيوضي هن جا مسئلا ڪيترائي پيچيدا هئا. لنچ بريڪ کان پوءِ به افغانستانين جي مسئلن تي بات چيت ٿيندي رهي.

لاجونتي ۽ سريش هوٽل جوليس ۾ ڪمرو بُڪ ڪري ڇڏيو هو. هوٽل ۾ اچي آرامي ٿيا. صبوح ٿيڻ تي ئي لاجوءَ سريش کان پڇيو، ”تنهنجي لگونا وڃڻ جا ٿيو؟“

”مان لگونا نٿو وڃان، تنهنجي منچ تي اچڻ

سريش چيو، ”هل پياري اُن دنيا جو بہ رنگہ ڏسون.“

ڪافي هائوس مان ٻاهر نڪري ٻئي ڪار ۾ اچي ويٺا. لاجونتي ڪار هلائيندي اڳيان وڌي. ڪافي دير کان پوءِ سريش چيو، ”اِنَ ڪائونسل جو مقصد ڪهڙو آهي؟“

”اهوئي، هر سنستا جا انساني حقن لاءِ ٿي لڙي اُنَ جي حمايت ڪرڻ، اهنسا ۽ امن جي طريقي سان هر ديش جي سرڪار سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ.“

لاجوءَ وڌيڪ سنڌي ونگ جي ڪم ڪرڻ جي طريقي جي باري لاءِ چيو، ”اسان جي سنڌي ونگ جو ڪم آهي، ڇڙوڇڙ دنيا جي ڪنب ڪڙڇ ۾ پکڙيل سنڌين جي وچم سنٻنڌ ۽ سهيوگ پيدا ڪرڻ، پيرجنڌڙ سنڌين جي يو اين ڪائونسل جي مدد وٺڻ ۽ انهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ. انترراشٽريہ سطح تي سنڌين جي هڪ سنستا ٺاهڻ جنهنجي معرفت سنڌي سنسڪرتي، سڀيتا، ٻولي، موهن جي دڙي جي ورثي کي قائم رکڻ ۽ پنهنجا حقي حق حاصل ڪرڻ.“

ڪار هڪ شاهي عمارت جي ٻاهران اچي بيٺي، پنج ماڙ عمارت جي ٻاهران اٽڪل سو ملڪن جا جهنڊا

سگھي پڇيائين، ”هاڻ ڇا؟ سنڌي جاتي ڇا ائين ئي پکڙيل رهندي. ڌرتيءَ جو ٽڪرو تہ ڇڏيو اسانکي اسان جا حق ملڻ کپن مسٽر انٽونيو.“

”برابر ملڻ کپن، جنهن ۾ توهانجي الڳہ الڳہ شهرن، پرانتن ۽ ٻين ملڪن ۾ ٻڌايل سنستائن کي اسان سان گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو، جنهن ۾ اسانجي طرفان ڪي ميمبر هوندا توهانجي ميمبرن سان گڏجي سرڪار تي زور ڀريندا.“ مسٽر انٽونيو جواب ۾ ڏنو.

لاجونتيءَ محسوس ڪيو هڪ ڏينهن وڌيڪ رهڻ بيڪار آهي. سريش کي چيائين، ”اجان سڄ ٻيٺو آهي مان سمجهان ٿي اسين روشني هونديئي نڪري هلون.“

سريش هن سان سهمتي ڏيکاري، ”ها“ ڪئي. ٻئي هوٽل طرف ويا ۽ پنهنجون ٻئگون کڻي گهر طرف رخ ڪيو. ڪار سريش هلائي رهيو هو سريش لاجوءَ کي شانت ڏسي پڇيو، ”تون ڇا اڄ جي ڪاروائيءَ مان نراش ٿي ٿي هلين؟“

”نہ نراش نہ نااُميد بہ نہ، بس سوچيان پيئي هيترو هماليہ جيڏو ڪاريہ ڪڏهن ٿيندو؟ ٿيندو بہ يا

ڪان پوءِ ئي سوچيندس. شايد نہ بہ وڃان.“

ٻئي تيار ٿي ڪائونسل طرف هليا. اڄوڪو ڏينهن بہ سوڊانين، شري لنڪن، ايٿوپين جي حوالي ٿي ويو.

لاجونتيءَ وٽ هڪ فرينچ وڏي آيو، اچي هئنڊشيڪ ڪري ٻڌايائين، ”اسانجي تاهيل ڪاميٽي هندستان ويئي هئي، ممبئي، احمداباد، اجمير، دهلي ۾ ڪيترن ئي ورڊ اوسٽا وارن سنڌين سان ملياسين، انهن سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ملاقات ڪئيسين. هنن سان ملاقات مان ڄاڻ پيئي تہ هو هندستان ۾ لڏي اچڻ ڪانپوءِ تمام خوش هئا. ان خوشي هوندي بہ هو پنهنجي ڌرتيءَ کي نہ وساري سگهيا آهن. سندن وڏي ۾ وڏي شڪايت پنهنجن سنڌي ۽ هندي اڳوانن سان هئي. جن مان هو خوش ڪونہ هئا، هنن جي سموري سنڌ چانديءَ جي تسريءَ تي رکي ڏيئي ڇڏي ۽ ان جي پيٽ ۾ پيو ڪوبہ ڌرتيءَ جو ٽڪر هنن کي نہ ڏنو ويو. جنهنڪري سموري سنڌي جاتي ڇڙوڇڙ ٿي ويئي، ياءُ ياءُ ڪان وڇڙي ويو، ڊيئر مسلمانن هٿان ڪاڇي ويئون، جنجا مرد سنڌورق هئا انهنکي سال لڳي ويا پنهنجي ڪٽنبن سان ملڻ ۾.“

سريش تہ خاموش هو، پر لاجونتي چپ نہ رهي

”لڳي ٿي پئي شاديءَ مان خوش آهي، سندس مڙس
ڪافي پئسي وارو آهي سندس پنهنجي بزنيس اٿس.
هانڪي ڪوبہ سنتان نہ آهي.“

ستيہ ۽ متيا جي وچ ۾ جاوار جيتري وٿي آهي،
اُن وٿيءَ کي سلجهائڻ ۾ زندگي گذري ويئي.
ڪوبہ ناتو پورو نہ آهي،
سڀ اڌورا ناتا آهن.
ڪو ناتو ڪٿي ٿو ڇڏجي وڃي،
ڪو ڪٿي ٿو پورو ٿئي.
ڪڏهن ڪڏهن خوش هجڻ جي ڀرم ۾،
من ٻوڙندو ٿو رهي متيا جي پٺيان.
ڪڏهن دکہ پائي من پٽڪي ٿو،
ٻپ جي چادر اوڙي.
۽ ان طرح نہ ستيہ جي سوجهہ ٿي پوي،
۽ نہ ئي متيا کي سڃاڻي ٿا سگهون.

هڪ سال ڪانپوءِ ٻيو سال ۽ ٻئي سال ڪانپوءِ ٽيون سال گذري ويو. تيستائين جوتنيءَ جو ڪوبہ احوال ڪونہ آيو هو.

نہ ...!"

"ڪو بہ ڪاريہ هماليہ کان ننيو نہ ٿيندو آهي، فرق فقط اهو آهي تہ جڏهن ڪو بہ ڪم پورو ٿيندو آهي تہ لڳندو آهي تہ اهو تہ ننيو ڪم هو هيترو جلد پورو بہ ٿي ويو."

سريش ٿورو وقت ترسي وري چيو، "هڪ دفعو هڪ چٽنگ لڳي آهي سنڌين جي چولي ۾، هڪ ڏينهن ان مان پنيث ضرور ٻرندو."

ڪار شهر کان ٻاهر نڪري چڪي هئي. لاجو "تتا استو"، چئي پنهنجون ٽنگون ڊگهيون ڪري آرام سان ويٺي رهي. لاجو سڌي ٿي ويهندي پڇيو، "اهو تہ ٻڌاءِ تنهنجي ساهڙيءَ جو روم جو سئر ڪيئن هو. اميد تہ ڪيس روم پسند پيو هوندو ۽ اسانجي گهر ۾ ڪيس ڪا تڪليف نہ ٿي هوندي."

"نہ بلڪل نہ ٿي ڏينهن هڪ پل ۾ گذري ويا. سالن کان پوءِ هن سان ملاقات ٿي هئي، سچ پڇين تہ پهرين پيار جو پڙاڏو هو جڻ."

"پڙاڏو ئي هو نہ حقيقت تہ نہ بڻيو نہ ...!" لاجوءَ کلندي پڇيو. "سندس مڙس ڇا ڪندو آهي. شاديءَ مان خوش تہ آهي نہ، گهڻا ٻار اٿس؟"

قاعدو پڻ پاش ڪيو تہ هندستان کان ٻاهر رهندڙ هندستاني نہ فقط چتر نماع ۾ ڀاڱ وٺي ٿا سگهن پر اڪاڊميءَ جي انعام جا بہ حقدار آهن.

سريش جي چترن جو نماع لاجونتيءَ نئشنل آرٽ فيسٽيول ڪلڪتا، دهلي ۽ ناگپور ۾ پيش ڪرڻ جو بندوبست ڪيو.

هنجي چترن جي نماعش ڪرناٽڪ للت ڪلا اڪاڊمي بئنگلور وينڪاٽپا آرٽ گئلري بئنگلور، چتر ڪلا پريشد بئنگلور، دسيرا آرٽ ايڪزيبيشن ميسور، ڪرناٽڪا ميلا ۽ ڪيترن ئي چترڪلا سميلن ۾ ٿيندي رهي.

هنجي چترن لاءِ ڪيترن ئي رسالن ۾ رايا اچڻ لڳا، ”رنگن جي لاثاني چونڊ، زندگي جي سچن پهلن جو عڪس، خيالن کي نماع ڪرڻ جي انوکي ڍنگ ڏسندڙن جي من ۽ مغز تي هنجي ڇاپ ٿا ڇڏين. روم جي پتلن جي چتر مان هنجي برش جي ڪماليت ٿي جهلڪي.

اٽڪل سال ڏيڍ گذري ويو، سريش روم، پئرس، لنڊن، نيويارڪ ۾ ڪيترين ئي نمائشن ۾ ڀاڱہ ورتو ۽

سريش هڪ دفعو پنو پين ڪٽي تيجونتيءَ ڏانهن خط لکيو ته سهين پر پوسٽ نه ڪري سگهيو هو.

هن لکيو هو، ”اڄ جڏهن دنيا ننڍي ٿيندي ٿي وڃي توسان ايتري دوري ڇو؟ ڪيترن ڏينهن کان تنهنجو ڪوبه احوال نه آيو آهي. پڇي سگهانٿو عورتن جي اها ڪهڙي فطرت آهي جو هو پاڻ وساري هر فضا ۾ پاڻکي ٺهڪائي، پنهنجن کي به وساري ڇڏينديون آهن. ڊاڪار جا ننڍا وڏا رستا، باغ باغيچا ڇا ايترا دلفريب آهن؟ يا ڊاڪار ۾ ڪارڊ لفافا پڻ راشن تي ملندا آهن؟“

تيجونتيءَ جو چتر هن جي ڪمري ۾ ٽنگيل هو، برش هنجي هٿ ۾ هئا، رنگ هنجي اڳيان هئا، تصور ۾ ڪيترا خاڪا به هئا.

اُنهن خاڪن مان چتر ته چٽي سگهيو هو، پر اُنهن ۾ ڪويتا رس پري نه سگهيو هو.

لاجونتي هندستان جي چترڪلا اڪادميءَ جي چوند ڪميٽيءَ جي ميمبر مقرر ڪئي ويئي هئي.

لاجونتيءَ جي ڪوشش سان اڪادميءَ اِهو

بدلجي ويو هو.

سريش جون نظرون تيلجونتيءَ جي چهري ۾ کتل هيون، هنکي سمک ئي نہ پيئي تہ تيلجونتيءَ هنکي ”توهان“ چئي مخاطب ٿي هئي.

سريش جي چهري تي تہ ان بدلجي ويل خطاب جو ڪوبہ اهڃاڻ ڪونہ هو ۽ بنا اٽڪ جي چيائين، ”مان هن نماءَ ۾ پاڳہ وٺي رهيو آهيان. هيءُ منهنجو پئويلن آهي.“

ايتري ويجهائي جا هئي اُن وٽان ايتري دوريءَ جو سوال اچي انتي سريش کي تعجب تہ لڳو، پر هن اُنکي ظاهر ٿيڻ نہ ڏنو. تيلجونتيءَ جون ٻئي ساهڙيون اڳيان وڌي آيون. هڪ جي گود ۾ ٽن سالن جو ٻار هو. تيلجونتي هنکان اهو ٻار وٺندي چيو، ”هيءُ آهي سُتيلج منهنجو پٽ.“

”سُتيلج!“ سريش وري دهرايو.

سريش ٻار کي تيلجونتيءَ کان وٺندي چيو، ”ستيلج تمام مشهور نالو آهي. روم جو هڪ مشهور سنگيتڪار آهي. جنهن فرانڪو فيرارا جي ڪلاس مان سنگيت آچاريہ جي ڊگري حاصل ڪئي.“

ڪيترا انعام پڻ حاصل ڪيا. دهلي ۾ چتر ڪلا اڪيڊميءَ جو نماع هو. سريش کي خاص پئويلين ڏنو ويو هو.

اوچتو هڪ شام جو متر ٺهڪن جي ڏنيءَ نماع جي سانتيڪي فضا ۾ هلڪو رنگ پري چڙيو.

ٺهڪ سچاتل هئا. سريش ٺهڪن جي آواز تي پٺيان نهاريو، تيجونتي اندر اچي رهي هئي. هن سان هنجون ٻه ساهڙيون پڻ گڏ هيون.

تيجونتيءَ جي اکين سريش کي ڄڻ يڳن کان پوءِ ٻولهي لڌو هو.

اکين جي ڏسڻ جي رفتار کان ٻه تيز رفتار سان تيجونتي سريش طرف وڌي آئي. چاهيائين ته پئي هوءَ سريش جي ٻانهن ۾ جڪڙجي وڃي ۽ پڇي، ”منهنجا پريتم تون ڪٿي گم ٿي وئين؟“

پر ڪنهن عزغئبي ڪارڻ هنجي قدمن جي رفتار کي ڍلو ڪري ڇڏيو.

سريش جي اڳيان اچي تيجونتيءَ پڇيو، ”شري سريش توهين هتي ڪيئن؟“

”تون“ جو رشتو سميه جي گذرڻ بعد ”توهان“ ۾

ساچ آهي.“

تيجونتيءَ هن جي اکين ۾ آيل سوال جو جواب هلڪي مشڪ ۽ اکين ئي اکين ۾، ڇپڙن کي جهڪائي جواب ڏنو، ”ها سريش هيءَ تنهنجو ئي انش آهي جنهن مونکي ممتا لٽائڻ جو مهتوُ ڏنو آهي.“

تيجونتي سريش جي هڪ چتر کي باريڪيءَ سان ڏسندي رهي. هر چتر ۾ هوءَ پنهنجو ئي عڪس ڏسي رهي هئي. سندس لڪيل ڪوتائون سريش جي چترن مان ليئا پائي ڇڻ ڇئي رهيو هيون، ”اساناجي وجود ۾ تنهنجو ئي تہ وجود آهي تيجو.“

تيجونتيءَ پڇيو، ”شري سريش، توهاناجي هر چتر مان هر رنگ هڪ نئون رنگ ٿو پيدا ڪري. اهو سڀ ڪيئن ٿا ڪريو؟“ تيجونتيءَ جون ٻئي ساهڙيون اڳيان وڌي ويون.

سريش جواب ڏنو، ”تيجونتي ڇوان يا تيجو....؟“

تيجونتيءَ اڌ ۾ ڪٽيندي چيو، ”سريش، سماج جون ڪي لڪيل ليڪون آهن انهن کي مٽائڻ يا اوراڪهڻ اڃان بہ استري جاتيءَ لاءِ مشڪل آهي.“

”ستيج ڪروشين نئشنل ٿئيٽر جو آرٽ ڊائريڪٽر بہ هو ۽ نيو جرسي ۾ ٿيل هولي بش فيسٽيول جو ڊائريڪٽر پڻ هو.“

تيجونتي سريش جي چهري ۾ هڪ عجيب اُتساهہ ۽ هڪ عجيب مسڪراهٽ سان نهاريندي رهي.

تيجونتيءَ جڏهن پنهنجي پٽ جو نالو ”سُتيج“ ٻڌايو هو تہ هن کي پڪ هئي تہ سريش اُن نالي جو ضرور ڇيد ڪري سڀ سمجهي ويندو، پر شايد سريش کي اُنجي ڪابہ سمڪ نہ پيئي. ٻار سريش جي ٻانهن ۾ ئي هو.

ستيہ ڪير هو ۽ ڪهڙي هن جي مهما هئي اُنجي وياکاڻ ۾ ئي ڪويل رهيو.

تيجو ساهڙين سان گڏ ديوارين تي ٽنگيل چتر ڏسڻ ۾ مهو ٿي ويئي.

اوچتو جڏهن سريش جي رڱن ۾ هڪ لرزش محسوس ٿي تہ هنجي چپن ستيج جي ڳلن کي هڪ هلڪي پيار ڀري چمي ڏني.

سريش تيجوءَ جي اکيان اچي نظرن ئي نظرن ۾ تيجوءَ کان اکين جي اشارن سان پڇيو، ”تيجو ڇا اهو

سريش تون رهيل ڪٿي آهين؟'' سريش چوڻ ته چاهيو پئي ته ڪنهن دوست وٽ رهيل آهي، پر هنجي زبان تي ساچي ڳالهه ئي اچي ويئي، ''رايل هوٽل ۾، سرڪار ئي بندوبست ڪيو آهي.''

تياجونتي کهڙي پل به نه رڪي، هوءَ ڪٿي هئي اُنجي به ڪيس سمڪ نه رهي. کهڙي ڪشش هئي جو هن سريش جو هٿ پڪڙي چيو، ''اهو چا سريش ...''

هٿ پڪڙيندي چڏي به ڏنائين. هڏڪندي ڏيمي آواز ۾ چيائين، ''تو چا مونکي صفا وساري ...؟''

سريش هنجو ياوُ به چاتو ۽ من جي حالت به، چوڻ ته گهڻو پئي چاهيائين پر تياجونتيءَ جي نران جي اچي وچڻ ڪري چپ رهيو. دل ئي دل ۾ پاڻ کي ئي چئي ويٺو، ''تياجو تنهنجو ته مونسان دل جو عجيب رشتو آهي، منهنجي زندگيءَ جو پهريون پيار ...''

تياجونتيءَ جي نران پڇيو، ''توهانجا چتر ....؟''

هنجو سوال پورو ئي نه ٿيو ته سريش جواب ڏنو، ''هن نيري پڙدي کان هُن پيلي پردي تائين ئي منهنجا چتر آهن.''

تيجو چوندي رهي، ”هيءُ جي ٻہ ڇٽيون مونسان گڏ آهن اُنهن مان هڪ منهنجي نران آهي ۽ ٻي هنجي ساهيڙي. هننجي حاضريءَ ۾ مونکي ٿورو سنڪوچ پئي ٿيو مان تو لاءِ تہ هميشه تيجو ئي آهيان سريش.“

”تيجو تو جن رنگن جي ڳالهہ پئي ڪئي، اُهي تہ بس ڪي ريڪائون آهن، جي ڪن رنگن جي مدد سان ليڪيل آهن.“ سريش ٻار ڪي تيجونتيءَ کان وٺندي چيو، ”نہ تہ چتر چترڻ لاءِ تہ ڪويتا ڪانسواءِ ٻيو وڏيڪ پورن واهڻ ڪھڙو ٿو ٿي سگھي؟ تيجو تون جيڪي چتر ڪويتا ۾ پيش ڪري ٿي سگھين، اهڙا چتر هيءُ بيجان برش ڪٿي پيدا ڪري سگھندا ٻڌاءِ.“

تيجوءَ جي ڳلن ۾ لالائي ڊوري آئي، چپن تي هلڪي مشڪ سان گڏ هنجون اکيون سريش ڪي ڏسنديو رهيون.

شايد هن ڪي گذريل زندگيءِ جا ڪي پل، ڪي ڪڻ، ڪي گھڙيون ياد اچي ويون. ڳالهہ ڪي ڦيريندي چيائين،“ مان ان وڏائيءَ جي لائق نہ آهيان، اهو ٻڌاءِ

اهڙن چترن جي هڪ ڪڙڪي هوندي آهي جنهن مان جهاتي پائي اُن چتر جي اندر وجهو پوندو آهي ڪملا ديوي.“

ٽيئي سريش جي ڏنل سمجهائيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي سريش جي ڇهڙي ۾ وائڙيون ٿي ڏسنديون رهيون.

سريش چپ ٿوڙيندي چيو، ”هلو ته ڏسون کهڙي چتر توهانکي هلاڪ ڪيو آهي؟“

ستيا ج سريش جي ڪلهي تي آرام سان اکيون بند ڪري ننڊ ڪري رهيو هو. لڳو پئي ڄڻ ڄمڻ کان اڄ تائين هنکي اهڙو سڪون ڪنهنجي به گود ۾ يا ڪلهي تي نه مليو هو..

سريش سيني سان گڏ ڊاڪٽر ايم ڪي جي پئويلن تي اچي ڊاڪٽر ايم ڪي سان هٿ ملائي، گ لمي ملي چترن طرف وڌيو.

تياجونتيءَ جي نران هنکي هڪ چتر وٽ بهاري پڇيو، ”هاٿي پڌايو هنن ليڪن مان اسان جهڙن انارزين کي کهڙو دهو پوندو.“

تيلجونتيءَ جي ساهڙيءَ ڪلندي چيو، ”پوءِ ته هيءُ سڀ چتر ته ڏسڻا ئي پوندا. جي اڳئين ماڊرن چترن وانگر هن جو ڪو چتر سمجهڻ ۾ نه آيو ته چترڪار پنهنجو ماٿو آهي سمجهائيندو.

هوءَ ماڊرن چتر ڪلا اسانجي دماغ شريف ۾ نه ويٺي.“

”ليڪن منهنجا چتر ماڊرن هوندي به ائبسٽريڪٽ نه آهن. مان ته پراچين چترڪلا، جا صديون پراڻي آهي اُنکي اڄ جي ماڊرن ڪلا سان ڳنڍي ڪجهه ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهيان. توهين چتر ڏسو جي ڪنهن چتر ۾ ڪا ڳهٽتائي ڏسو ته ٻڌائجو.“ سريش سولي نموني سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

تيلجونتيءَ جي نران چيو، ”اسين ڊاڪٽر ايم ڪي جا چتر ڏسي آيونسين، جنهن چتر کي اڳئين سال پهڙيون انعام مليو آهي. اسانجي سمجهه کان ٻاهر هو، توهان ته ڏٺو هوندو.؟“

”هامون ڏٺو آهي. اهڙن ائبسٽريڪٽ چترن جي هيٺان ڏنل ٽائيٽل جو سهارو وٺڻو پوندو آهي. ٽائيٽل

”مون تہ سمجھيو هو تہ ڪلسيڪل چتر ڪلا ۾ فقط اُڪھاڙپ هوندي آهي.“ ڪملا چيو.

سريش چيو، ”تياجوءَ جي سمجھي نران ڪملا ديوي ائين نہ آهي، پراچين ڪلا ۾ انساني زندگيءَ جي حقيقتن جون جھلڪيون ۽ منووگيانڪ ڀاوُ ڏيکاريل هوندا آهن.“

تياجونتي سريش جي چترن ۾ بلڪل ڪويل هئي. جيئن جيئن اڳتي پئي وڌي ڪيس هڪ نئون سنگيت چترن مان نڪرندو نظر پئي آيو. هر چتر ۾ هنجي ئي ڪويتا پڙيل هئي. ”سجني ديپڪ جلائي راهہ نهاري رهي هئي ساجن جي واٽ واجھائيندي ديپڪ جي وٽ وڌائي پئي وٽ وڌايائين.“

هر چتر سامھون هوءَ بيستہ ٿي بھي پئي رهي، محسوس پئي ڪيائين گويا هنجي دل هنجا ئي گيت گنگنائي رهي هجي انهن چترن ۾.

”ساجن مونکي تڙقائي هليو ويو. بره جي باهہ سان سيني ۾ سوُ ديپڪ جلائي تنهنجي راه ۾ ڪڙي آهيان. من ئي من ۾ ڪيترا ڪانگ اُڏايان ويٺي. ڪڏهن ڀايان پيئي تون آڳنڌ ۾ اچي بيٺو آهين. ملن جو تصور

ڪاري پردي تي هڪ ڏنگي ليڪ ليڪيل هئي ۽ هڪ سڌي ليڪ. ڏنگي ليڪ سڌيءَ ليڪ جي مٿئين حصي تي ليٽيل هئي. ٻنهي ليڪن جي اردگرد ننڍيون وڏيون ليڪون ليڪيل هيون. هيٺان ٽائيٽل ڏنل هو.
"Two wings of life"

"اسانجي زندگي ٻن ليڪن جي آهي، هڪ عمودي ۽ ٻي اُفق جي سونت سان هموار. عمودي آهي پرش ۽ اُفق جي سونت ۾ آهي عورت. پرش تي ئي عورت جو مدار آهي، جيئن هن چٽر ۾ ڏيکاريل آهي. آهن ته ٻه ليڪون پر اُنهن ليڪن ۾ هن ڪائنات جي مونث ۽ مذڪر جي سموري تصوير سمايل آهي.

استري جاتي جي اُفق جي سونت ۾ نه هجي ته شايد پرش ٽٽڪي وڃي."

"۽ هو ننڍيون وڏيون ليڪون.؟" ڪملا پڇيو.

"انهن اردگرد ليڪيل ليڪن جو مطلب آهي، جيون جي پيچرن تي سماجڪ ڍانچي ڪارڻ ايندڙ مشڪلاتون ۽ ڪٺنايون. ڪلسيڪل هيءُ ماڊرن ڪلا جو شاهڪار آهي ۽ هيءُ ڏسو چترڪلا جو شاهڪار، هن چتر کي به انعام مليو آهي."

سريش، تياجوءَ جي نراڻ ڪملا ۽ سندس ساهڙي موهني واپس سريش جي پئويلن ۾ اچي تياجوءَ کي ساڄاڳ ڪيو. تياجوءَ جو چهڙو کلي اُٿيو هو. ڪجهه شرم کان تہ ڪجهہ خوشيءَ کان. پنهنجين ڪويتائن کي چترن ۾ ڏسي هوءَ ڄڻ وري زندهہ ٿي وئي هئي. سُتياج اڃان بہ سريش جي ڪلهي تي سڪون سان ننڊ ۾ هو.

ٻار پنهنجي ماءُ جي ڳرڀ ۾ پاڻ کي سڀ کان وڌيڪ محفوظ سمجهندو آهي ۽ شايد پيءُ جي ڪلهي تي بہ هن کي جو سڪون ملندو آهي ۽ هن کي جو سلامتيءَ جو احساس ٿيندو آهي اُهو احساس سُتياج جي بند اکين مان صاف ظاهر هو.

تياجونتيءَ سُتياج کي سريش کان وٺندي چيو، ”مان تہ پاڻ کي وسارڻ سان گڏ اهو بہ وساري ويٺي هئس تہ سُتياج توهان وٽ آهي.“

ڪملا چيو، ”مسٽر سريش توهين اڄ اسان وٽ اچو رات جو، توهان کان چترڪلا جو پاٺ پڙهڻو آهي.“

”چترڪلا جو پاٺ...!“ سريش سوچيو پئي،

ڪندي پاڻ کان پاڻ پيئي شرمايان.“

تياجو هر چتر کي پاڻ ۾ سمايل ۽ هر چتر ۾ پاڻکي سمايل پئي پائيو. سو چيائين پئي، ”سريش جي برش ۽ رنگن ۾ هنجون ڪويتائون ڪيئن پڙجي ويون آهن.“

”تون ڪيترو دور آهي ساٿي،
هنن اکڙين ۾ تنهنجو اوسيڙو آهي.
ڄاڻ اٿم، تون جلد واپس اچڻ وارو نہ آهين،
تڏهن بہ ڪنن ۾ تنهنجي آهٽ پيئي ٻڌان.
پٽيڙ ڪري توسان ڳالهيون پيئي ڪريان ۽ بدن
ڄڻ تنهنجي ڇهاءُ پائي لرزي رهيو آهي.
دل جي ڌڙڪن جي رفتار وڌي ٿي، رڪجي
نٿي.
هيءَ ڪهڙي ڏور آهي؟ ڪهڙو ٻنڌن آهي؟
هيءَ ڪهڙو ناتو آهي نيهن جو؟
تون ڪيترو دور آهين ساجن، تڏهن بہ تنهنجي
تصوير هنن اکين ۾ اُتريل آهي.“

تياجوءَ چاهيو پئي هنن چترن ۾ پاڻکي ويڙهي ڇڏي.

ايندم پير پري اڄ آڳند ۾ منهنجي، ڪٿي سمائيندس ساڃن ڪي

اُن رات سريش تياڳوءَ جي گهر نہ وڃي سگهيو. ٻئي ڏينهن شام جو جڏهن هوُ تياڳوءَ جي گهر پهتو تہ ڏٺائين هوءَ ڪيڏانهن وڃي رهي هئي. پريائين ڏسندي تياڳوءَ چيو، ”پراڻي ناتي جي حاجت جي عزت رکندي، مان توکي اڄ پڇائي ٿي وڃان شرتاچند جي نائڪا ڪمل وانگر.“ سريس کي ڇڪي موٽر اندر ويهاري ڇڏيائين پر ڳالهہ اتيئي ختم نہ ٿي. تياڳوءَ چيو، ”شرتاچندر جو سوال، ڪتاب پڙهيو اٿئي نہ؟“

”ها، سال اڳ.“

”اڄ جي ساڳيو سوال مان توکان پڇان جو ڪمل اجيت کان پڇيو هو تہ تنهنجو ڪهڙو جواب ڏيندو؟“

سريش چيو، ”سوال ياد نہ اٿم وري دهراءِ.“

تياڳوءَ ڪار جو رخ ڦيرائيندي چيو، ”اُن وقت ڪمل نہ اجيت ڪار هلائي رهيو هو ۽ ڪار شهر کان

”مون کي هنن چترن بنائڻ ۾ هنن رنگن ۽ برشن تہ مدد نہ ڪئي آهي. ان لاءِ تہ هن ڪوتري ۽ شاعرا مونکي پريٽا ڏني آهي.“ نيند جي جواب ۾ چيائين، ”اڄ معافي ڏيو. سبب نہ پڇجو ڪو بہ بهانو هن وقت ڏيان ۾ نٿو اچي.“

”اهو تہ منظور نہ آهي. بئي ڏينهن تي رکڻ معني توهانکي موقعو ڏيڻ ڪنهن بهاني سوچڻ جو.“ ڪملا ڪلندي چيو.

بيخوديءَ ۾ تيڄوءَ جو هٿ سريش جي هٿ ۾ اچي ويو.

هٿ هٿ ۾ وٺي هنکي ڪيتري دير ڏسندي رهي، اچانڪ محسوس ڪيائي هوءَ اڪيلي نہ آهي ۽ هلندي هلندي هٿ هٿ مان ڪيئن ڇڏائجي ويو ڪيس ڄاڻ ئي نہ پيئي.

پرندڙ اکنڊ جوت. هتي جهڙي شانتيميہ جاءِ سريش
کڏهن نہ ڏٺي هئي. سريش چترڪار هو. ڪاش هن
وقت هن وٽ جي برش ۽ ڪئنويس هجي ها.

سريش وٽ پل برش ۽ ڪئنويس ڪونہ هئا، پر
سندس ذهن هن جو هن سان هو. هوُ سوچڻ لڳو، ''هي
راجگهاٽ اگر ايترو وشال ٿي وڃي جنهن ۾ هيءَ
سموري دنيا سمائجي وڃي. پوءِ تہ نہ رهندو ڪوڙ،
نہ مار ڌاڙ، نہ ٺڳي چوري نہ رُشوت يا ڪارو ڌن فقط
شانتي ئي شانتي.''

زندگيءَ ۾ پل، پلن ۾ ڪيتريون زندگيون؟ زندگ
يءَ جي سفر ۾ جو وقت ۽ مڪان گذري ٿو وڃي وري
واپس نہ ٿو اچي.

ٻئي شانت هئا. ڪار تائين اچڻ تائين ڪنهن بہ
ڪجهہ نہ چيو.

ڪار ۾ ويهڻ ڪانپوءِ شانت ٽوڙيندي سريش چيو،
''تيجو، تون تہ دهليءَ ۾ ڪافي وقت رهي آهين هتي
چا راجگهاٽ جهڙيون پيون بہ جڳهيون آهن؟''

''نہ''

''افسوس، اهنسا ۽ امن جي مسيعي کي هڪ
سماڌيءَ ۾ بند ڪري رکيو اٿن. يار تو اسين کي تہ هنجي

ٻاهر نڪري چڪي هئي.“

سريش چيو، ”پر ڪار منهنجي نہ تنهنجي آهي ۽ جي تون مونکي پڇائي وجهڻ ٿي چاهين تہ ڪار کي وڪڻڻ جو بہ سوال نٿو اُٿي.“

تيجو مشڪندي چيو، ”ڪار منهنجي بہ نہ آهي منهنجي ساهڙن جي آهي ۽ رهيو سوال توکي پڇائي وٺي وڃڻ جو، اگر پڇائجي ويندڙ هيئن سولي نموني پڇائجي وڃڻ لاءِ تيار هجي تہ اُن ۾ کهڙو مزو.“ ڪار ڪئنات پئلس وٽان ڦري ڳانڍي مارگ ڏانهن وڌڻ لڳي.

راج گهاٽ جي اندر ايندئي سريش ڏٺو تيجونتيءَ جي اکين ۾ هڪ روشنيءَ سان گڏ راجگهاٽ ۾ ڦهليل سائي گاهہ جي وشالتا بہ جهلڪي اُٿي.

تيجوءَ جي نيٽن ۾ جاڳيل جوت جي ڪارڻ زندگيءَ جون ڪل ئي اونداهيون راتيون اُتيئي ختم ٿي ويون.

راجگهاٽ جي چوڌاري ٻاڙهي پٿر جي ديوار، وڇايل سائي گاهہ جي چادر، وچ ۾ ڪاري سنگمرمر مان ٺهيل بہ ڏاڪي سماڌي، سماڌيءَ مٿان ڪلندڙ تازا گل، سماڌيءَ جي اڳيان سونهري اکرن ۾ اُڪريل هي رام ۽ اُنجي پٺيان

آهن. تنهن وقت هتي هر قسم جون ڇهڙون ملنديون آهن. تياجونتي هڪ آزمودگار گائيڊ وانگر سريش کي سڀ ٻڌائيندي ويئي. جيئن روم ۾ سريش هن کي روم جو سير ڪرايو هو، هيءَ هن کي دهليءَ جو سير ڪرائي رهي هئي.

شام اچي ٿي هئي. سج لهندو پئي ويو. لهندڙ سج جي سونهري ڪرڻن اِنڊياگيٽ ۽ آس پاس ٻاڙهي پٿر جي عمارتن کي سوني جي چادر سان ڍڪي ڇڏيو هو.

”ستياج کي دادا ۽ ڪملا وٽ ڇڏي آئي آهيان، هريل تہ آهي هنن سان پر تڏهن بہ گهڻو وقت هن کي ڇڏي نہ سگهندي آهيان.“ تياجوءَ واپس موٽڻ جو اِشارو ڪندي چيو.

ٻئي دروازي وٽ اچي پهتا هئا. تياجونتيءَ گهنٽي دٻائي ڪملا دروازو کوليو.

ڪملا سريش کي اندر ايندو ڏسي ھنکي اشارن سان ئي ڪيڪاريو. تياجوءَ چيو، ”اچو اندر اچو ...“

تياجوءَ جو سريش کي ’توهان‘ جو خطاب ڏيندي اندر اچڻ لاءِ چوڻ سريش لاءِ عجيب نہ هو. هوءُ ڄاڻي ويو هو تہ پين جي اڳيان تياجو هنکي ’توهان‘ ئي چئي مخاطب ٿي ٿئي.

چتر ڇايا ۾ رهڻ گهرجي.“

تيجونتي ڪار راڄ پٿ تي اچي بهاري.

”سامهون راشٽر پتي ڀوَن جنهن ۾ ڀارت جو راشٽرپتي رهندو آهي، ساڄي ۽ ڏائي پاسي سيڪريٽريٽ جن ۾ گرهه منتري، پرڌان منتري ۽ وت منتريءَ جون آفيسون آهن. اِنڊيا گيٽ جنهن جي هڪ هڪ پٿر تي ڪل نوي هزار اڻڄاتل شهيد ٿي ويل سپاهين جا نالا اُڪريل آهن. گيٽ جي هيٺان امر جوان جوتي ڏينهن رات ٻري شهيدن جي نالي کي روشن ٿي ڪري.

گمبس جتي ڪنهن وقت جارج پنجي جو قداور پتلو بيٺل هو، آزادي ملڻ کانپوءِ اهو پتلو هٽايو ويو. ڪيترن جو رايو آهي ته اُتي هاڻ مهاتما گانڌيءَ جو پتلو لڳايو وڃي. ڪن جو رايو آهي ته هن جاءِ تي نيتاجي سباش چندر بوس جو پتلو هجڻ وڌيڪ صحي ٿيندو.

راڄ پٿ جي ٻنهي پاسي سائي گاهه جا ٻاڙا، صاف پاڻيءَ جي نهر، جهومندڙ وڻن جون قطارون آهن. بهار جي موسم ۾ هتي جو نظارو ڏسڻ جهڙو آهي. چوطرف رونق لڳي ويندي آهي. ماڻهو هتي پڪنڪ ڪرڻ ايندا

هئي.

ڪملا چانهه ڪٽي آئي ۽ تيڄوءَ کي چيائين، ”ستياڄ سمهيو پيو آهي.“ تيڄوءَ شايد ڪملا کي اشاري ۾ ستياڄ کي ڪٽي اچڻ لاءِ چيو هو.

دادا شانت فضا کي ختم ڪندي پڇيو، ”مسٽر سريش توهانجو نماع تہ پورو ٿيو. هاڻي توهانجو ڪهڙو پروگرام آهي.“

”بس سياڻي ممبئي وڃڻ جو خيال آهي، ۽ پوءِ ٿن ڏينهن ڪانپوءِ واپس روم.“

”ائين ڪيئن ٿيندو، توهين هڪ رات اسان وٽ رهڻ ڪان سواءِ نٿا وڃي سگهو.“

سريش جيستائين اُن جو جواب ڏي ڪملا چيو، ”دادا تہ توهانکي فقط هڪ رات رهڻ لاءِ چيو آهي مان تہ چوان توهين بہ چار راتيون اسان سان گڏ گذاريو.“

”توهين تيڄوءَ سان گڏ پڙهيا آهيو، ان ناتي تہ توهان تي گهٽ ۾ گهٽ ايترو تہ اڌڪار آهي.“ دادا حجت رکي چيو.

”توهان اڌڪار جي ڳالهہ ڪري سٺو ئي ڪيو، توهين تنهن ڏينهن نماع ۾ آيا هئا. تنهن وقت تہ توهان سان سڃاڻپ نہ هئي توهان منهنجو هڪ چترُ خريد

تيجونتيءَ جو سهرو سامهون پيل سوفا تي ويٺو هو. سرِيش جي اندر ايندي ئي هوُ اُٿي بيٺو ۽ سريش کي مشڪي ڪيڪاريندي پنهنجي پاسي ۾ ويهڻ لاءِ چيائين.

سريش وهندي سوچي رهيو هو، هوُ تيجوءَ جي دادا سان اڳ ۾ گڏجي چڪو آهي. هن کي گهڻو وقت نہ لڳو ڪيس ياد اچي ويو تہ جنهن ڏينهن تيجو هن جي پئويلن تي آئي هئي انجي ٻئي ڏينهن ئي هوُ هناجو هڪ چٽر خريد ڪري ويو هو ۽ انجي لاءِ هنکي ٻن لکن جو چيڪ بہ ڏيئي ويو هو. جو اجان هن ڪئش نہ ڪرايو هو.

ڪافي دير هوُ هن جي پئويلن ۾ هو، هر هڪ چٽر کي باريڪيءَ سان ڏسندو رهيو هو.

هڪ سيپہ گهر ۾ جو آدرياءُ هڪ سيپہ انسان کي ملڻ گهرجي اُن ۾ رتي ڀر جي بہ ڪسر نہ ڇڏي ويئي.

ڪملا هڪ ٽري ۾ ڪجهہ سکو ميوو ٻن ٽن نمونن جا بسڪيٽ کڻي آئي ۽ سريش جي اڳيان رکيل ٽيبل تي رکيا. تيجوءَ جي دادا هڪ پليٽ کڻي سريش جي اڳيان وڌائي سريش بہ بنان هٻڪ جي سکي ميوي مان ڪجهہ کڻي کائڻ لڳو. تيجو سامهون نہ ويٺي

ڏسڻ جو موقعو نہ مليو آهي.“ سريش تيجوءَ ڏانهن ڏسندي وڏيڪ چوڻ لڳو، ”تيجوءَ جي مهربانيءَ سان اڄ دهليءَ جو ڪو حصو ڏسي سگهيو آهيان.“

ڳالهہ پوري اڃا ٿي نہ سگهي. اندران نوڪر ٻاهر اچي ويو. ”سائين ماني ٽيبل تي آهي.“

تيجو اُٿي بيٺي. تيجوءَ جو سهرو بہ اُٿيو، هن اُٿندي سريش کي پڻ اُٿڻ جو اشارو ڪندي چيو، ”اچو اسان جي دال مانيءَ جو سواد چکيو.“

سريش اٿي ٻنهي جي پٺيان هلڻ لڳو. ٽيبل وٽ اچي بيهي رهيو. دادا هنکي هڏڪندو ڏسي چيو، ”پنهنجوگهر سمجهي ڪٿي بہ ويهي سگهو ٿا.“

مکيہ مهمان جي ڪرسي ڇڏي پاسي واري ڪرسي سيڙهي سريش ويهي رهيو.

تيجو سامهون واري ڪرسيءَ تي ويٺي هئي ۽ ڪملا سريش جي پاسي واري ڪرسيءَ تي.

تيجوءَ هڪ ماني سهري جي پليٽ ۾ رکي ۽ ٻي سريش جي پليٽ ۾ وجهڻ واري هئي تہ سريش هنکي روڪيندي چيو، ”مان پاڻ ئي کڻندس تون دادا کي ياڇي ڏي چنتا نہ ڪر مان لڄ نہ ڪندو آهيان. جي کائڻو آهي تہ پيٽ ڀري کائي ويندس.“

ڪري ويا هئا.“ سريش ڪيسي مان چيڪ ڪيندي چوندو رهيو.

”اُن ئي اڊڪار جي ناتي هيءُ چيڪ توهين پاڻ وٽ رکو. چتر جي قيمت ڏيئي هاڻ مونکي شرمندو نہ ڪريو.“

سريش جو ڪجھ بہ چيو انُجو مطلب صاف هو، ڪجھ وڌيڪ چوي تنهنکان اڳ دادا چيو، ”انڪري چا توهين ڪاوڙ ڪري هليا ويندا.“

”اهڙي گستاخي تہ مان نٿو ڪري سگهان، هڪ وينتي ٿو ڪريان ممبئي ۾ هڪ ڏينهن جو ڪم آهي تنهنکان پوءِ روم واپس وڃڻو آهي چتر ڪلا تي هڪ ڪانفرنس آهي جا نٽائي نہ سگهندس.“ چيڪ دادا جي هٿ ۾ ڏيندي چيو.

ڪجھ وقت ڪمري ۾ شانت ٿي ويئي. ڪملا چانھ جا خالي ڪوپ ٽري ۾ رکي ڪٽي اندر هلي ويئي.

شانت کي وڌيڪ شانت ۾ نہ رکي تياجوءَ جي دادا چيو، ”ڀڏايو دهليءَ ۾ اڳم بہ آيا آهيو يا هيءُ توهانجو پهريون دفعو آهي؟“

”اڳم بہ ڪيترا دفعا اچڻ ٿيو آهي، پر دهلي

ولي هئين ويئي آهي دنيا ۾ ڪيترن اڳو انن کي ڳولي هئين ويئي آهي پر اُن ۾ مارڻ واري جي نفرت ۽ بدلي جي ڀاو ڪانسواءِ ڪجهه ڪين هو.“ دادا جي اکين ۾ عجيب روشني اچي ويئي هئي.

”هلو تہ مسٽر سريش کي جمنا نديءَ جو رات جو سير ڪرائي اچون ...“ دادا تيجوءَ ڏانهن ڏسندي چيو.

سُتيج ننڊ مان جاڳيو هو، اکيون مهٽيندو ٻاهر آيو ۽ ٻنان ڪنهنکي بہ نهارڻ جي سڌو سريش طرف وڌي آيو. ائين جيئن چقمق ڏانهن ڪو لوہ جو ٽڪرو ڇڪجي اچي.

تيجوءَ رڙ ڪري سُتيج کي پاڻ ڏانهن اچڻ لاءِ سڏ ڪيو پر انکان اڳ۾ سريش هنکي پنهنجي هنج ۾ کڻي ورتو.

جمنا نديءَ جي سير لاءِ سڀ ڪار ۾ اچي ويٺا، ڪار تيجو هلائي رهي هئي. ڪملا تيجوءَ جي پاسي ۾ ويٺي سريش ۽ دادا پٺيان ويٺا ستيج سريش جي هنج ۾ هو. ڪار اجان نندي تائين نہ پهتي هئي تہ سريش دادا کان سوال پڇيو، ”ٻڌو اٿم توهان ڀارت جي آزادي ملڻ تي ئي هندستان هليا آيا؟“

ماني کائي سڀ ٻاهر وراندي ۾ اچي ويٺا. ڪملا سان گڏ نوڪر هڪ ٽري کڻي آيو. ٽري ۾ چار بولس رکيا هئا ۽ بولس ۾ جيليءَ سان گڏ ڇمايل ڇئينا گراس. ڪملا هڪ بول پپيءُ کي ڏيئي پيو سريش ڏانهن وڌائيندي چيو، ”هيءَ دادا جي پسند آهي. اسان جي گهر ۾ اڪثر ٺهندي آهي. اميد ته توهان کي پسند ايندي.

دادا بول وٺي سريش کان پڇيو، ”ٻڌايو اڄ ڪٿان گهمي آيا؟“

”راڄ گهاٽ گانڌي سمارڪ، انڊيا گيٽ ۽ راڄ پٿ.“ سريش جواب ۾ چيو.

”گانڌي سمارڪ، جنهن ۾ سمايل آهي شانتي ٽوت، اهنسا جو پوڄاري.“ دادا مهاتما گانڌي لاءِ شرڌا ڏيکاريندي چيو.

”اهنسا جي پوڄاريءَ جي گوليءَ سان هتيا ڪئي ويئي اها افسوس جي ڳالهه آهي.“ سريش عجب ظاهر ڪندي چيو.

”صحي ٿو چئين سريش، پر اهو نٿا وساري سگهون ته هنکي گولي هڻڻ کان اڳ۾ گولي هڻندڙ جنهن شرڌا سان جنهن نمرتا سان هنکي پرنام ڪيو، اهو فقط ڀارت ۾ ئي ٿي ٿو سگهي. اُنڪان اڳ۾ اهڙي ئي نمرتا ۽ شرڌا سان سنڌ جي سنت ڀڳت ڪنوررام کي گ

ايترو گانڌي تہ هر دفعي ستياگرہ ۽ بک هرتال ڪندو آيو هو، جڏهن ورهاڱو ڪرڻ جو فيصلو ٿيو تہ چپ رهيو.“ دادا تنقيدي نوع ۾ پنهنجي اندر جو ڏک ظاهر ڪيو.

”دادا جڏهن پنجاب ۽ بينگال جو اڌ اڌ ٽڪرو پنجابين ۽ بينگالين کي ڏنو ويو تہ سنڌين کي سنڌ جو اڌ ٽڪرو ڇو نہ ڏنو ويو؟“ سريش سوال پڇيو.

”ان ۾ بہ سنڌ جي ڪانگريسي اڳوانن سنڌين کي دوکو ڏنو. سنڌ جو ڏاکڻو حصو سنڌين کي ملڻ وارو هو پر ڇو تہ پاڪستان کي ڪراچيءَ ڪانسواءِ پيو ڪو ساموندي بندر ڪونہ هو ۽ سنڌي اڳوانن کي پرانتڪ اڳوان نہ پر پارٽيہ اڳوان ٿيڻو هو انڪري هنن اهو قبول نہ ڪيو.“

دادا ٿوري دير رڪجي وري چوڻ لڳو، ”اها بي ڳالهہ آهي تہ هڪ شخص جيرامداس کان سواءِ ڪانگريس ٻئي ڪنهن کي بہ وزير نہ بڻايو. جيرامداس ۽ آچاريہ ڪرپالاڻي تہ گانڌي ۽ نهروءَ جي ويجهو هئا انڪري پارٽيہ وزرات ۾ کنيا ويا. ٻيا سنڌي اڳوان، چوئٿرام گدواڻي، ڊاڪٽر ولڀچا، چيٽي سپاهيملاڻي وغيره جون اُميدون پوريون نہ ٿيون. چوئٿرام وزير

دادا جواب ڏي تنهنکان اڳ۾ ڪملا چيو، ”ان ٽاپڪ کي نہ ڇيڙيو. اها دادا جي ڏکندڙ رڳ آهي.“

”ائين نہ آهي جنهن دور مان سنڌي جاتي ۽ پيا پارتواسي گذريا آهن ان کي ٽاري سگهجي ها.“ دادا ٻاڇاءُ ۾ چيو.

”مون تہ پڙهو آهي تہ جنهن نموني هڪ گانڌيءَ پنهنجي هڪ ئي هٿيار اهنسا جي ٻل تي انگريزن کان آزادي ورتي، اهو هڪ دنيا ۾ مثال آهي.“ سريش پنهنجو رايو ڏيندي چيو.

”اهو سچ آهي. پر جي آزادي وٺڻ ۾ ٿورو صبر کان ڪم وٺجي ها تہ اڄ جي حالت الڳ هجي ها.“

”اهو ڪيئن؟“

”مسٽر سريش ...“

دادا اڃان جملو پورو ئي نہ ڪيو هو تہ سريش چيو، ”دادا توهين مونکي مسٽر نہ چئو، مان توهان جي پٽ برابر آهيان.“

”ها سريش هڪ سال دير سان وٺجي ها پر ڪانگريس اڳوانن کي راڄ ڪرڻ جي تڪڙ هئي.“

”آزاديءَ کان اڳ۾ گانڌي ۽ نهرو سينو ٺوڪي چوندا هئا تہ ورهاڱو هنن جي لاش تي ٿيندو. نہ فقط

سيلاب هتان ڪان هتي پيٽڪندو نظر آيو.“ دادا هڪ
وڏو ٿڌو ساهه کنيو.

ڪن پل ٿي نه گذري ته پنهنجي دل کي هلڪو
ڪرڻ لاءِ وري شروع ٿيئي، تنهنڪان اڳ۾ سريش چيو،
”مون ته ٻڌو آهي ته سرڪار ڪيتريون ڪئمپون
کولي ڇڏيون هيون ۽ سنڌين لاءِ ته ڳانڌي ڊام به ٺاهي
ڇڏيو هو.“

”پهرين ٻڌاله ته هر لڏي آيل جي نراڻ تي ’پنهاڳ
ير‘ هجڻ جو ٺپو لڳايو ويو. سنڌين کي چيو ويو ته
ماسيءَ
توهين
ڄگهر آيا آهيو. ڇڻ ته هوُ پارت جو حصو ڪونه هئا. ڳ
انڌي ڊام اڃان پوريءَ طور تيار نه هو، جي ان ڳانڌي
ڊام جو نالو ڳانڌي ڊام نه رکي سنڌو ڊام رکيو وڃي ها
ته شايد سنڌي ان کي سولائيءَ سان پنهنجي وڃايل
ڌرتيءَ جون سڪون لاهي سگهن ها. ايترو ٿي نه
هندستان ۾ هڪ وڏي ۾ وڏي ڪئمپ اُلهاسنگر جي بدلي
سنڌونگر رکڻ جي ڳهرج کي لت بازيءَ سان جواب ڏنو
ويو.“

ستياڄ سريش جي هناڄ ۾ نند ۾ هو، ڪار جمنا
نديءَ طرف وڌي رهي هئي تياجو ۽ ڪملا چپ هيون.
سريش چيو، ”دادا توهان اِنهن آزمودن کي

ٻالڪپڻ جي خواهش ڏيکاري ته سردار پٽيل ڪيس پاڳل چئي ڌتاري ڇڏيو.”

سريش ڇڻ پنهنجي رچناتڪ دنيا مان سنڌي راڄنيتڪ تواريخي دور ۾ هليو ويو هو. سوال جو هميشه پين وٽان ٻڌندو آيو هو هن دادا کان پڇيو، ”دادا مون ٻڌو آهي ته سنڌ ۾ هندو ۽ مسلمانن گڏجي رهندا هئا اُتي ڪي فساد به نه ٿيا ته پوءِ سنڌي لڏي ڇو آيا؟”

”اهو تنهنجو ٻڌل اڌ سچ آهي. سنڌ ۾ فساد به ٿيا هئا ۽ هڪ گهر ۾ گڏ رهندڙ هندو مسلمان جي وچ ۾ نفرت جي ديوار به کڙي ويئي. شروعات ۾ سنڌي مسلمانن جي دلين ۾ لوڀ پيدا ٿيو ته سنڌي هندو لڏي ويندا ته اُنهن جون ملڪيتون هنن کي ملنديون. اُن لوڀ پيداوَ کي وڌايو هندستان مان لڏي ايل سنڌ ۾ مهاجرن. پوءِ ته لڏپڏاڻ به ٿي مار ڌار به، زالن ۽ ڪنيائن سان زور زبردستي ۽ لوٽ کسوٽ.”

دادا جي اکين ۾ ڄڻ ماضي هاڻ ۾ تبديل ٿي ويو. هوُ غمگين ٿي پريل دل سان سريش جو هٿ پڪڙي اُن کي دٻائي چيو، ”سريش پنهنجي جنم ڀومي ڇڏي اچڻ کان وڌو سراپ ٻيو ڪوئي نه آهي.”

دادا پاڻ کي روڪي نه سگهيو چوندو رهيو، ”ايترو ئي نه جڏهن لڏپلاڻ شروع ٿي ماڻهن جو سمندري

هريل هوندو ۽ ٿي سگهي ٿو پنهنجن ٻارن کي به ياد ڪندو هجي.“ ڪملا ٽياجوءَ کي روڪيندي چيو.

ڪملا ۽ ٽياجو اڳيان وڌي ويون. دادا جي چال گوڏن ۾ تڪليف هجڻ ڪارڻ ڍيمي هئي ۽ سريش هن سان قدم ملائي هلي رهيو هو. ٽياجو جمنا نديءَ جي ايندڙ ويندڙ لهرن ۾ سپنا ڳٽي رهي هئي.

”معاف ڪجو سريش مون توکي پنهنجن ڳالهين سان بور ڪيو. تون آهين ڪلاڪار ماڻهو تنهنجو هنن ڳالهين سان ڪهڙو واسطو؟“

”دادا ائين ته نه چئو. مان به سنڌي آهيا پر مان پرديش ۾ رهندو آهيان، پر اسانجي گهر ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي. اسانجي گهر ۾ سنڌي ڪاڌو ٺهندو آهي، اسان پنهنجن ٻارن جا نالا سنڌي رکيا آهن ۽ هندو ڏڻن سان گڏ سنڌي ڏڻ چيٽي چنڊ، ٿڌڙي وغيره به ملهائيندا آهيون، منهنجي پتني لاجو ٽياجڙي ۽ ٿڌڙي جا ورت به رکندي آهي.“ سريش تفصيل سان دادا کي ٻڌائيندو ويو. ڏنائين پئي دادا جي چهري تي فخر، تسڪين ۽ اطمينان جي مسڪراهٽ اچي ويئي هئي.

”اها ته تمام فخر جي ڳالهه آهي.“ دادا خوش ٿيندي چيو.

ڪتابي صورت ۾ لکو ڇو نٿا؟ ايندڙ ٿهيءَ کي اِنهن سچاين جي ڄاڻ پوڻ گهرجي.“

”اهي تہ تواريخي سچ آهن جن کي ڪيترن ترقي پسند ليکڪن قلمبند ڪيو آهي. هتي اِهو پڻ چوندس تہ اسان جي فقط ملڪ جو ورهاڱو نہ ٿيو، ڪانگريس ۽ هندوتوَ جي اڳوانن اسانجي ٻوليءَ جي لپيءَ جو بہ ورهاڱو ڪيو. جنهن ڪري اسانجي سموري جاتيءَ جو پڻ ورهاڱو ٿي ويو.“

”ورهاڱي جو اثر اتي ئي ختم نہ ٿيو، اسانجي ننڍي ٿهي اسان کان ڇڄي ڌار ٿي ويئي.“ دادا غمگين لهجي ۾ چيو.

سريش محسوس ڪيو هن ان موضوع کي ڇيڙي سٺو نہ ڪيو هو. تياجو ۽ ڪملا ٻئي جنهن خيال کان جمنا نديءَ جي ڪناري سير ڪرڻ لاءِ هنکي وٺي آيون هيون هنن جو اهو مقصد پورو نہ ٿيو هو. ڪار آهستي آهستي ڌيمي ٿيندي ويئي. نديءَ ڪناري ڪار کي ٻهاري سڀ ٻاهر نڪتا. تياجوءَ سريش کان سٽياج وٺڻ جي لاءِ اڳيان وڌي تہ سريش هنکي روڪيندي چيو، ”نہ توهين رهڻ ڏيو سٽياج آرام سان سمهيو پيو آهي.“

”رهڻ ڏي تياجو سريش ٽن ٻارن جو پيءُ آهي

دليل هر جاتيءَ جا ماڻهو ڏيندا آهن.“ دادا ٿورو ترسي چيو.

”اسانجي سنڌي جاتي به ڪنهن کان الڳ نه آهي اسان ۾ فقط ڪوتاهي آهي ته پنهنجي ٻولي، ادب، سڀيتا لاءِ اها شدت نه آهي. اسانجي هميشه يهودين سان ڀيٽ ڪئي ويندي آهي. اهو وساري وهندا آهن ته جا شدت پنهنجي ڌرم، ٻولي، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ جيوز ۾ هئي ۽ آهي اُها سنڌين ۾ نه آهي. چيو ويندو آهي جيئن يهودين دنيا ڀر ۾ صدين کان پنهنجيءَ ڌرتيءَ کان اُجري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڀٽڪندا رهيا ۽ آخر ۾ پنهنجي ديش واپس وريا اسانجا سنڌي به هڪ ڏينهن سنڌ واپس ويندا.

دادا اجان به چوندو رهي ها، ڪملا اچي چيو، ”دادا هاڻ هلڻ کپي، ٿڌي هوا وڄڻ لڳي آهي.

سريش پنهنجي واچ ۾ وقت ڏسي چيو، ”ڪافي دير ٿي آهي واپس هلڻ کپي.“

سريش لاجوءَ ۽ جنيوا جي باري ۾ چوڻ پئي چاهيو، پر چپ رهي. محسوس ڪيائين ڪافي دير ٿي چڪي آهي. هن وقت اُن جو ذڪر ڪرڻ معنيٰ دادا ڪي وري اُتساهڻ ته وڌيڪ ٻالهه ڪي شروع ڪرڻ.

”پر افسوس اِتم توهان جهڙا هندستان کان ٻاهر رهندڙ سنڌي ٻُڏٻُڏيان آهن. گهڻو ڪري تہ جن سان بہ مان گڏيو آهيان نہ هو ڏسڻ ۾ ۽ وهنوار ۾ سنڌي لڳندا آهن نہ ئي سنڌي ڳالهائيندا آهن ۽ نہ ئي هننڪي سنڌيت جي هڳاءُ جي ڄاڻ آهي. ڪيترن تہ پنهنجا نالا بہ بدلائي ڇڏيا آهن.“ دادا وري اُداس ٿي ويو.

”سموري سنڌي جاتي ڪٽو ڪٽو ٿي ويئي آهي. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سنڌي پکڙجي ويا آهن. ٿامي جي ٽڪرن کي پنهنجي پونجي سمجهندي پنهنجي تهذيب، ٻولي ۽ ورثو سڀ وساري ويٺا آهن. وڏيون وڏيون عمارتون، ڪاليج، اسپتالون، اسڪول، فئڪٽريون ڏيندڙ هن جاتيءَ موٽ ۾ ڇا حاصل ڪيو...؟ ڪجهہ بہ نہ ڪي ڄاتل سڃاتل چهرا، ڪي اڳوان، پارٽي سطح تي جي پنهنجي جاتيءَ جي گهرجن کي ڄاڻڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن. جاتي جا ڏيندي ئي رهي. موٽ ۾ ڪجهہ بہ حاصل نہ ڪري سگهي.“

دادا کي پاوڪ ٿيندو ڏسي سريش انهن حالتن جي لاءِ ڪو دلاسو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”اسان سنڌين ۾ ايڪتا نہ آهي ۽ نہ ئي ڪو اڳوان آهي جو اسانکي سچي رستي وٺي هلي.“

دادا هڪدم ان دليل کي رد ڪندي چيو، ”اهو

سريش چيو، ”توهانکي تڪليف نہ ٿئي تہ مونکي
هوٽل ۾ ڇڏيندا هلو ڪافي رات ٿي ويئي آهي.“

”تون هڪ رات اسان وٽ هلين ها تہ خوشي ٿئي ها.“

دادا دلي خواهش ظاهر ڪئي. وڌيڪ ڪجھہ
نہ چئي فقط ايترو چيائين، ”ڪافي پيئڻ جو دور اجان
رهيل آهي.“

”هن دفعي معافي ڏيو دادا، وري ڪڏهن دهليءَ
اچڻ ٿيو تہ ضرور توهان وٽ ايندس.“

سريش دادا جي ڳالهين مان محسوس ڪيو تہ
دادا ڪنهن زماني ۾ سنڌي جاتيءَ جو هڪ اهم پر
بيوس شاخص ٿي رهيو آهي.

ڪار هوٽل جي ٻاهران اچي بيٺي. سريش ستيانج
جي ٻلي ۽ نرڙات ڪي هلڪو چمي ڪار کان ٻاهر نڪري
ترسي بيٺو. ڪملا ۽ تيانجو ٻئي ڪار مان ٻاهر اچي
هنڪان موڪلايو. دادا کان هٿ جي اشاري سان ئي
موڪلائي هوٽل طرف هلڻ لڳو.

هڪ دفعو پٺيان نهاريائين، تہ ڏٺائين تيانجوءَ جون
خاموش نظرون چئي رهيون هيون، ”سريش تو تہ
منهنجي اڏوريپٽي کي پورو ڪيو آهي، توسان مان
ڪيئن موڪلايان.“

سپ واپس ڪار ۾ اچي ويٺا. تيئجوءَ وري ستيئج کي سريش جي هٿن ۾ ڏنو. جمنا نديءَ جو سير پورو ٿيو. دادا جمنا ڪناري نه سريش کي سنڌوءَ جو سير ڪرايو.

ڪار ۾ سڀ شانت هئا. دادا جي دل هلڪي ٿي هئي. مدت کانپوءِ ڪير هن وٽ آيل هو جنهنکي هو تواريخ جا ڌنڌلا ورق ورائي ڪجهه ٻڌائي رهيو هو. زندگيءَ جي گذريل نوي سالن ۾ هن ڪيترين هلچلون هلايون هيون ڪيترا سميلن ڪيا هئا. ڪيترو ادب معرفت سنڌيت ۽ سنڌين بابت لکيو هو.

سرڪار کان سنڌين لاءِ ڪيترين گهرون ڪيون. پر اڄ محسوس ڪري رهيو هو ته هنکي ڪيئن ڪجهه به حاصل نه ٿيو هو سواءِ انهن نه وسرندڙ ورقن جي. جن جو نشان به هنجي وڃڻ کان پوءِ قائم رهندو به يا نه.

دريءَ کان نديءَ طرفان ٿڌي هوا تيئجوءَ جي وارن جي لٽ کي جڻ جهولي ۾ جهولائي رهي هئي. لهرون جڻ ڪا ڌن گنگنائي ڪار اندر سنگيتميه فضا پيدا ڪري رهيون هيون. سريش جو ڌيان تيئجوءَ جي لڏندڙ وارن جي لٽ طرف ته ويو پر پنهنجيون نظرون ڦيڙائي ٻاهر نهاريندو رهيو. ڪار ڪئنٽ پليس کان مڙي ته

ٻئي ڏينهن روم پهچڻ وارو آهي. چوڻ تہ چاهيائين ٻئي تہ هن لاجوءَ کي ڪيترو ياد ڪيو. پر چئي نہ سگهيو. ”پيار کي پيار ڪجي.“ چئي فون رکي ڇڏيائين.

ٻئي ڏينهن روم وڃڻ جي سپنن هنجو اڄ جو ڏينهن لنبو ڪري ڇڏيو.

تياجو اڄ تہ پاڻکي ستياج سان ۽ گهر جي ڪمن ۾ رڌل رکيو، رات جو اچانڪ هنکي سريش جي ياد اچي ويئي. پل پر ۾ ئي هنجو سوچ نڪيءَ طرف هليو ويو.

عجيب شدت سان محسوس ڪيائين هيترا ڏينهن هوءَ هنکان سواءِ هنکان هيترو پري ڪيئن رهي آهي.

فيصلو ڪيائين هاڻي هنکي واپس وڃڻ کپي. پنهنجي گهر جي واڳ تي. سريش جو لنبو ڏينهن ختم ٿيو. هوُ ايئرپورٽ طرف وڃي رهيو هو.

روم واپس وڃڻ جي چاهہ ۾ هنکي گهڙي پڙ لاءِ بہ تياجوءَ جو يا ستياج جو خيال نہ آيو. پلين ۾ وهڻ سان ئي سوچڻ لڳو، ”جي جنم جنم جا ناتا جڙيل آهن اُنهن کي ڪير بہ ٽوڙي نٿو سگهي. ليڪن جي ساٿي ٿي رهڻ لاءِ تڙڦندا رهندا آهن. اُنهن جو ساٿ ڪڏهن رهندو ئي نہ آهي ٻئي اسانجي حياتيءَ جون تلخ

هڪ ڏينهن هيئن پرير ٿي ويندو، زمين ۽ آسمان جهومي اُٿندا. نئي چاتم

تيجو گهر پهتي، ستياج کي هناج ۾ کٽي پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. اڄ ستياج لاءِ هنکي هونئن کان وڌيڪ پيار اچي رهيو هو. هوءَ هنکي وري وري چمي موهہ ۽ ممتا جي بارش ڪري رهي هئي.

سريش رات ڀر سمهي نہ سگهيو. سندس خيالن جي ڏور ڪڏهن تيجو، ڪڏهن دادا جون ڳالهيون تہ ڪڏهن پنهنجا چتر پئڪ ڪري روم وڃي پنهنجي ننيڙي ڪٽمب سان ملڻ طرف چڪي رهي هئي.

صبوح ٿيڻ سان ئي، تيجو تہ پنهنجي گهر گرهستي جي ڪمن ۾ ۽ ستياج کي سنوارڻ سنيرائڻ ۾ لڳي ويئي. سريش ٽڪل هوندي بہ تيار ٿي نڪري ويو نماع هال ڏانهن پنهنجا چتر پئڪ ڪرڻ.

رستي تي بئنڪ ۾ ڪيس مليل چيڪ جمع ڪرائيندو اڳيان وڌي ويو.

رات جو هوٽل ۾ اچي سريش پنهنجي گهر روم فون ڪيو، لاجونتيءَ فون کنيو تہ ڪيس ٻڌايائين هو

سريش هن جي من کي پيار مان ڇهيو هو. هنجي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو، اهو سريش هنجو اچانڪ ڪار جي رفتار مان ڀانپي ورتو چيائين، ”لاجو ڇا ٿيو ڪار هتي بهار مان ٿو هلايان.“

لاجوءَ ڪار بهاري ۽ پنهنجو منهن سٽيئرنگ مٿان رکي ويٺي رهي. سريش پنهنجيون ٻانهون وڌائي هنجي ڇهري کي هٿن ۾ جهلي هنجي اکين ۾ نهاريندو رهيو. هنجي دل نہ ٿي تہ هنجي اکين ۾ تڙي آيل ڳوڙهن جي قطرن کي اُکهي ڇڏي. اُن وقت هنجي آواز ۾ نہ معلوم ڪهڙي مانيٽي لرزش هئي چيائين، ”لاجو اڄ مونکي ڪار هلائڻ ڏي، مان رستا پليو نہ آهيان.“

لاجونتي هلڪي سڏڪي سان گڏ هلڪو کلندي چيو،

”تون هيترا ڏينهن پهريون دفعو مونکان ۽ ٻارن کان پري رهيو آهين، هر ڏينهن ڳڻيندي گذاريو آهي.“

سريش جواب ۾ ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيو. ڪار جو دروازو کولي ڪار هلائڻ لاءِ تيار ٿي ويو. سريش ڪار تہ هلائي رهيو هو پر هن جو ڌيان لاجونتيءَ ۾ ئي هو. هوُ سوچي رهيو هو، ”جا تصوير نہ ٺاهجي سگهي هئي، اُها هميشهہ تصور ۾ تہ رهي آهي. ائين ئي تصور ۾ رهندي رهندي، هاڻي پوريءَ طرح پورن روپ ۾ اکين اڳيان اچي ويئي.“

سچايون آهن.“

تيجونتي گذريل ڪن ڏينهن کي پاڻ کي الڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، پر ستياڄ جي سامهون هوندي هوءَ سريش ۾ نڪي جي وچ ۾ وراهايل هئي.

ستياڄ کي ڏسي هوءَ سوچي رهي هئي، ”منهنجي اندر ۾ جو ڪوتريءَ جو من آهي ان هميشه چترڪار بڻجڻ پئي چاهيو تون ڇا سنگم آهين؟“

سريش ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪتو ته ڏٺائين سامهون لاجو بيٺي آهي. سريش کي ڏسي هنجي چهري تي هلڪي مشڪ اچي ويئي. سريش جي ذهن ۾ ته اڳ ۾ ئي لاجوءَ جو هن جي انتظار ۾ بيٺل مشڪندڙ چهرو هو. سريش لاجوءَ وٽ پهچي هنکي ڀاڪر ۾ جڪڙي ڇڏيو.

ٻئي گاڏيءَ ۾ اچي ويٺا. لاجو گاڏي هلائڻ شروع ڪئي.

لاجونتيءَ پڇيو، ”تنهنجو نماع ڪيئن هو؟“

”تمام سٺو، هن دفعي مون توکي ڏاڍو مس ڪيو لاجو.“

سريش لاجوءَ جي هٿ مٿان هٿ رکي ٿورو زور ڏنو. لاجونتي ياوڪ ٿي ويئي، هنکي لڳو ڀڳن ڪانپوءِ

لالاڻ چورائي سامهون ويٺل لاجونتيءَ جي ڳلن ۾ پيري. اها ميه سان پريل پيالي نه ملي جو هنجي اکين ۾ مدهوشي پيري، آسمان ۾ ستارن جي لڙي نظر نه آئي جنهن سان هوُ هن جي سينڌ ۾ سنڌور پري اُها تصوير پوري ڪري سگهي. هاءِ ڙي اياڻي اُها تصوير جا پوري ٿي نه سگهي. ڪار گهر جي ٻاهران اچي بيٺي. سريش بئگ کڻي لاجوءَ جي پٺيان پٺيان گهر اندر آيو.

سريش بئگ کڻي اندر ڪمري ۾ هليو ويو.

لاجونتي پنهنجي گهر جي ڪمن کي لڳي ويئي. ٻارن کي صبوح جو اسڪول ڇڏي آئي هئي، شام جو واپس وٺڻ ويندي.

سريش تيار ٿي ٻاهر آيو، ڊائينگ ٽيبل جي ڪرسي سيڙهي ويٺو ته ڏٺائين لاجو هنجي کائڻ لاءِ ڪاجهه ٺاهي رهي هئي. سريش جون نظرون هن تان هٽيون ته هوءَ وڏي هن وٽ آئي، هنجي پٺيان اچي هنجي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي چيائين، ”تنهنجي لاءِ تنهنجي دل پسند سائي ڀاڄي ۽ ڪاچٽي ٺاهي اٿم، سفر ڪرڻ ڪانپوءِ هلڪو کاڌو کائڻ سٺو آهي.“

”۽ هلڪي شرارت ڪرڻ...؟“ سريش هنکي اڱيان ڇڪي پنهنجين ٻانهن ۾ جڪڙي ڇڏيو.

لاجونتي سريش جي ڪلهي تي سر رکي اکيون بند ڪري آنند ماڻي رهي هئي. اهڙا موقعا تہ هنجي وواهت جيون ۾ ڪيترائي آيا هئا. پر جو آنند اڄ ڪيس سريش جي ڪلهي تي سر رکي ملي رهيو هو اُهو هن اُڄ ڪان اڳ ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪيو هو.

”گذريل زندگيءَ جا ڪيترا سال، ڪيترا مهنا، ڪيترا ڏينهن ۽ پل مان توکي ڏسندو آيو آهيان لاجو.“

سريش کي گهڻو ڪجھہ ياد اچڻ لڳو. اها هنجي شاديءَ جي رات هئي. محلن ۾ پليل، گلشن ۾ کريل ڪليءَ هن جي جهوپڙيءَ ۾ پير رکيو هو. هوءَ ڪنوار هئي ان ڪري هوءَ قدم دٻائي آهستي منهنجي پٺيان اچي رهي هئي. اميءَ جي چرنن کي ڇهي اسين هڪ ڪمري ۾ اندر گهرياسين، بتيءَ جي مڌيم روشنيءَ ۾ مون ڏٺو هنجو سندر سجايل چهرو.

پورنماسيءَ جو چنڊ آسمان مان چانڊنيءَ جي چادر وڇائي چڙي هئي. چڪور آڪاش طرف ويندي ويندي پاڻ کوهي ڪجھہ پائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

هڪ طرف هئي هن جي من جي اُڇل، اکين ۾ نيم بيهوشي ۽ ٻئي طرف هو هنجي چترڪار جو من، جنهن پاڻ کولڻ پئي چاهيو. کولي کوئڻ پئي چاهيو.

هن چترڪار جي من کي اُهي گل نہ مليا، جنجي

روز جا نوان اقرار، نيون آشائون، نيون اڇانون.

سواسن جو متر ميلاپ.

سوريہ ديوتا جي پهرين ڪرڻي ڪمري اندر پرويش ڪيو. ڪمرو ڪرڻن جي روشنيءَ ۾ روشن ٿي اُٿيو. انڌڪار سان ڀريل ڪمري سان گڏ هنجو من بہ روشن ٿي ويو.

هوءَ واپس بستري ۾ اچي ليٽي ۽ نانڪ کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري آنند جو احساس ڪرڻ لڳي.

نئين جيون جي ديپڪ جي نئين اُجالي ۾ نئين زندگيءَ جو چڻ آرنڀ ٿيو هو هن لاءِ.

ڇا وڃائي ڇا پاتو؟ نہ وڌيڪ پائڻ جي اڇا رهي، نہ اٿم وڃائڻ جو غم

رات جي ٽِہ پهڙيءَ ڪانپوءِ تيجونتيءَ جي اک کلي. تيجونتي اُٿي ويهي رهي، پڙ ۾ نانڪ سمهيو پيو هو. ٿورو ئي پريان ساڳي ئي ڪمري ۾ سمهيل هو ستيج. پريات جا نہ رات آهي ۽ نہ ڏينهن، رات ڏينهن جي وچ ۾ ميلاپ ڪندڙ هڪ ويلا.

تيجونتي بسترو ڇڏي بالڪنيءَ ۾ اچي ويٺي. پريات جا بدلجندڙ رنگ ڏسندي رهي.

پر پريات ويلا جو ڏيمو انڌڪار هنجي من کي پاڻ ۾ سمائڻ لڳو. منجهيل من کي سمجهائڻ لڳي.

وساري ڇڏ، اي من وساري ڇڏ انهن پلن کي.

اُهي مٺيون سمرتيون، پل پل جون يادگيريون.

انتظار جون گهڙيون، ملن جون گهڙيون.

ملڻ جو سک، اکين جو پسڻ، پسي آنند پائڻ

اها پريت پراٺي، پهرين پيار جو پڙاڏو.

سرشتي ستول ۽ سوکيم جو ميل آهي.
استول تہ ناسونت آهي ۽ سوکيم ناسونت
نہ هوندي بہ انسان کان پري آهي. اُن سوکيم
کي پائيندي بہ منش جو من ترپت نٿو ٿئي.
ستول پٺيان ڊوڙندو ٿو رهي. جو ناسونت
آهي، جو سدا نٿو رهي. تڏهن جڏهن اُن
جو ناس ٿو ٿئي، تڏهن ئي انسان موهہ وچان
پاگل بڻجيو پوي. موهہ ئي تہ انسان جي
من جو وڏو وڪار آهي. موهہ جي ڪري
ئي تہ هيءُ نديو من سک دک ڀوڳي ٿو.

PARADO PAHIREN PYAR JO...!

RAJ DASWANI



هيرن ۾هيرو اسانجو سنڌي سهڻو شري راج ڏاسواڻي سچ پچ ۾هڪ هيرو آهي. سندس ڌرمپتني گيتا سال اڳ سنڌي فلم ''هوجمالو'' ۾ هيروئن جو پارٽ ڪيو هو ۽ راج اُن فلم جو ڊائريڪٽر ۽ ڪهاڻيڪار هو. تڏهن ئي هنن پنهنجيسنڌيت کي مان ڏنو هو. هيءُ جوڙو سنڌي سرڪل ۾ ''گيتا راج'' نالي سان بخوبي سڃاتا ويندا رهيا آهن. هاڻ هو سالن کان لنڊن جا رهواسي آهن ۽ اڄ بہ هنن پنهنجي سنڌيت جي موهہ کي ڇڏيو ڪينہ آهي. راج ۽ گيتا ٻئي اڄ بہ سنڌيءَ ۾لکندا آهن، هندواسيءَ ۾ تہ سندن ليک اڪثر موڪليندا آهن جي تعريف قابل هوندا آهن. راج صاحب تہ اڄ بہ هن دؤر ۾سنڌي ڪتاب لکي سنڌين کي سنڌيت جي سرهاڻ ڏيئي رهيو آهي. سندس جيتري تعريف ڪجي اُها واجب آهي هن جو ڪتاب هيمون ڪالاڻي ۽ سندس شهادت تي واهہ جو اثر ڪيو ۽ ساڻ ساڻ سنڌي رومن ۾لکڻ ۽ سمجهڻ کي پڻ گائيڊ ڪيو. هاڻ هيءَ ناول ''پڙاڏو پهرين پيار جو...'' پڻ توهان جي هٿن ۾هن جي جذباتن ۽ لکڻيءَ جو انداز توهان پاڻ محسوس ڪري سگهو ٿا.

- شوپا رام لعلچنداڻي